ڊاڪٽر ادل سومرو

# سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ ۽ سنڌي ادب

***Abstract***

**Progressive Movement in Sindh & Sindhi Literature**

*This paper contains an account of Progressive Movement in Sindh which emerged during forties, with the title, "Sindh Adabi Circle", at D.J. College Karachi, Later on those writes joined progressive writers Association. Prominent among those were : Mohd Ibrahim Joyo, Sobho Gian Chandani, Hyder Bux Jatoi, Shaikh Ayaz, Gobind Malhi, Otam, …etc. Sindhi Literature right from beginning was progressive in Nature thought and vision.*

*There was a group of writers which were called as 'Fundamentalist group', the members of this group through the pages of one Newspaper, pertaining to their group viz 'Daily Mehran', and some off shoots of its weekly and monthly journal appeared antagonist to progressive writers and their creative activities, which pleaded, reality, progress in thought, Love, Brotherhood and supported, the working class of farmer and labour.*

*The paper gives a detailed of attacks and counter-attacks with the help of Pen, which was considered mightier then sword.*

*The newly formed literary organ, viz, 'Sindhi Adabi Sangat', was not spared even.*

*Shaikh Ayaz was specially targeted and was sent beyond the bars.*

*Monthly Jorunal 'Rooh-Rehan', was also banned. Mr. Rasool Bux Palijo, Rasheed Bhatti, Tariq Ashraf, Maulana Ghulam*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*Muhammad Girami, Muhammad Usman Diplai, Ibrahim Munshi, Imdad Hussaini, Niaz Humayuni, Sahar Imdad, Zafar Hassan, Shamsher-ul-Haidri and many other writers of that period suffered and faced boldly. This paper is a document on progressive writer's struggle of those days.*

**سنڌي** ادب تہ مُنڍ کان ئي ترقي پسند رهيو آهي. باقي تنظيمي لحاظ کان ترقي پسند تحريڪ هندستان جي ٻين ڀاڱن جي ورهاڱي کان اڳ ئي هتي بہ قائم ٿي چُڪي هئي. رشيد ڀٽي لکي ٿو:

”ڊي جي سائنس ڪاليج جي شاگردن پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سرپرستيءَ ۾ ”سنڌي ادبي سرڪل“ نالي هڪ ادبي جماعت (1944ع) ۾ ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي. سنڌي ادبي سرڪل وارا اُهي ساٿي، اڳتي هلي سنڌي اديبن جي انجمن ترقي پسند مصنفين ۾ شامل ٿيا. اُنهن ۾ شيخ اياز، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، اُتم، روشن مغل، سندري اُتم چنداڻي، ابراهيم جويو، حيدر بخش جتوئي، سوڀو گيانچنداڻِي ۽ ستار شيخ وغيره اُن جا سرگرم ميمبر هُئا.“ [1]

ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ ان سلسلي ۾ لکي ٿو :

”سالُ 1945ع ۾ گوبند مالهي ۽ سوڀراج گيانچنداڻي جي ڪوشش سان، سنڌ ۾ ترقي پسند مصنفين جي انجمن جو بنياد رکيو ويو. هن انجمن ڪراچيءَ جي ڪاليجي استادن ۽ شاگردن کي پاڻَ ڏانهن متوجه ڪيو ۽ ڪيترائي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جا ليکڪ ۽ شاعر انجمن جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لڳا.“ [2]

ترقي پسند تحريڪ، گڏجاڻين ۽ علمي ادبي پروگرامن ذريعي سنڌ ۾ ڦهلجڻ لڳي. گوبند مالهي، سوڀي گيانچنداڻي ۽ ساٿين ان کي مقبول بڻائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. هنن پنهنجن هم خيال ساٿين وڌائڻ لاءِ رابطي جون سرگرميون، سڄيءَ سنڌ تائين ڦهلائي ڇڏيون. سندن مخالفن جي غلط پرچار سبب، عام طرح ترقي پسند تحريڪ ۽ تنظيم خلاف ڪافي ڳالهيون ڦهليل هيون. جيئن، اها تحريڪ ڪنهن پرڏيهي طاقت جي اشاري تي، سنڌ ۾ اشتراڪيت لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. هن تحريڪ سان واسطيدار فرد مذهب جي خلاف آهن وغيره وغيره.

اهڙين حالتن ۾ بہ اڳواڻن همت نہ ڇڏي ۽ پنهنجي پروگرام کي جاري رکيو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سوڀو گيانچنداڻي لکي ٿو:

”1950ع ۾ ترقي پسند ادبي تحريڪ جي سلسلي ۾ آءُ ۽ گوبندمالهي، سنڌ جي دوري تي نڪتاسون تہ اُن وقت ڏيپلائي صاحب سان ملياسين. ڏيپلائي صاحب اسان کي صاف جواب ڏنو تہ توهان جو رستو الڳ آهي، منهنجو الڳ. پر جڏهن 1952ع ۾ جيل کان ٻاهر نڪتاسين تہ ڏيپلائي صاحب، اسان جو آڌرڀاءُ ڪرڻ وارن ۾ شامل هو.“ [3]

سنڌ ۾ ترقي پسند تنظيم سان واسطيدار شاعرن ۽ اديبن پنهنجي اُميد ڀرئي فڪر وسيلي، ماڻهن ۾ همت، حوصلي جي تجزيي وسيلي روشن مستقبل واري واٽَ جو تعين ڪيو. ماڻهن کي بين الاقوامي امن، ڀائپيءَ جو پيغام ڏيندي، پوري انسانذات جي مسئلن جو شعور ڏنو. ان حوالي سان سنڌي ادب جو وڏو حصو، پنهنجي ابتدا کان وٺي ترقي پسند فڪر جو ترجمان رهيو آهي. عبدالواحد آريسر لکي ٿو تہ:

”اسان جي قديم يا جديد شاعري مڪمل ترقي پسند آهي ۽ ان ۾ انساني آزادي، مساوات، امن ۽ عالمي ڀائپي جو ڀرپور پيغام موجود آهي. ان معنيٰ ۾ انسان جو قديم ترين شاعراڻو ورثو، انتهائي شاندار ۽ ترقي پسند آهي.“[4]

سنڌي ادب شروعات کان هيل تائين پنهنجي فڪر ۾ ترقي پسند ۽ عصري حالتن هيٺ رهيو آهي. ان جي پيغام ۾ ڪابہ ڳالهہ بي مقصد ۽ اجائي نہ آهي. ان سلسلي ۾ ڪتابن سان گڏ رسالن بہ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. رشيد ڀٽي ۽ شيخ اياز ورهاڱي کانپوءِ سکر مان 1952ع ۾ سنڌ جو پهريون ترقي پسند رسالو، ”محفل“ جاري ڪيو، پر ڪن مسئلن سبب هُو ان جو فقط هڪ پرچو پڌرو ڪري سگهيا. ان کان اڳ اُتم چنداڻي جي رسالي ”نئين دنيا“ جو ترقي پسند ادب جي ڦهلاءَ ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد، اُتم اهو رسالو ڀارت مان بہ جاري ڪيو. سندري اُتم چنداڻي ۽ روشن مغل جي ادارت هيٺ نڪرندڙ رسالي ”ساٿي“ بہ عورتن ۾ روشن خيالي ۽ سجاڳي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. شيخ اياز، ترقي پسند رسالو ’اڳتي قدم‘ جاري ڪيو، جنهن جا ٽي پرچا شايع ٿيا. رشِيد ڀٽي، حفيظ شيخ ۽ مرغوب بخاريءَ جي سهڪار سان ترقي پسند رسالي ”شاگرد“ جا صرف ٻہ پرچا جاري ڪري سگهيا. 1954ع ۾ حيدرآباد مان بہ ڪجھ ترقي پسند رسالا جاري ٿيا. ابنِ حيات پنهور جي ’پرھ ڦٽي‘ رسالي جا ٽي پرچا جاري ٿيا، جڏهن تہ ڏيپلائي صاحب جو جاري ڪيل رسالو ’انسان‘، بندش پوڻ تائين جاڳرتا جو پيغام پکيڙيندو رهيو. شيخ اياز، جنوري 1947ع ۾ ’باغي‘ رسالو جاري

ڪيو، جنهن ۾ پڻ ترقي پسند ادب کي اهميت سان شايع ڪيو ويو.

ورهاڱي کان پوءِ ٿي مهينا اڳ، گوبند مالهي، شيخ اياز، آسانند مامتورا، منگهارام ملڪاڻي ۽ سندن ساٿين پاران قائم ڪيل ادبي تنظيم 'سنڌي ادبي سنگت' ترقي پسند تحريڪ جي روپ ۾، سنڌي ادب کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنگت جي پليٽ فارم تان نہ صرف روشن خياليءَ جي علمبردار اديبن، شاعرن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪارڪنن، پنهنجي ٻولي ۽ ادب وسيلي ترقي پسند فڪر کي پڪيڙيو، پر اهڙي ادب جي مخالفت ڪندڙ، رجعت پسند ڌرين سان فڪري ۽ قانوني ويڙهہ پڻ وڙهي. اهڙين ڪوششن جي موٽَ ۾ ادب جي سڀني شعبن ۾ ترقي پسند فڪر جي حامي اديبن، عالمن ۽ شاعرن ۾ واڌارو ٿيو. وڏي انگ ۾ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جا مجموعا شايع ٿيا، تاريخ ۽ تنقيد جي شعبن ۾ نئين رُخ کان بحث ٿيڻ لڳا. دنيا جي چونڊ ادب کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇاپيو ويو. نتيجي ۾ اسان جا ليکڪ عصري حالتن جي شعور جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي ادب کي بين الاقوامي معيار تي پهچائڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿيا.

ترقي پسند فڪر جي ڌرتيءَ سان محبت واري ادب سان سرشار سنڌي ٻوليءَ ۾ رسالن جي اشاعت ٿيڻ لڳي ۽ ڪتابي سلسلن ۾ پڻ اضافو ٿيو. روح رهاڻ، سُهڻي، اڳتي قدم، پيغام، چارڻ، تحريڪ، ڌرتي، ڇٽنگ، پرهہ ڦُٽي، هوشو، سنڌو، اروڙ، ماروئڙا، نئون نياپو ۽ سوجهرو کان وٺي ڪينجهر، پروڙ ۽ ساڃاهہَ تائين سڀني رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جاڳرتا ۽ فڪري تازگيءَ سان ڀرپور ادبَ جي اشاعت ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو.

## ترقي پسند ادب ۽ تنظيم جي راهہَ ۾ رُڪاوٽون:

ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند تحريڪ ۽ ادب خلاف، ان جي تنظيم سازيءَ جي شروعات ۾ ئي مخالفت شروع ٿي وئي هئي. پاڪستان ۾ اخلاقيات جي آڌار تي ڀارت ۾ جدت پسنديءَ جي سهاري هيٺ ان تحريڪ جي راهہ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون ويون. پُراڻ پسند ڌريون ظاهر ظهور مخالف مورچن تي، تهذيب، اخلاقيات ۽ ٻين بنيادن تي مهاڏو اٽڪائي رهيون هيون، پر ڪجهہ ڌريون، جيڪي وچٽريون هيون، تن بہ تنقيد، فڪري تضاد ۽ جمالياتي قدرن جي حوالي سان ترقي پسند ادب جي مخالفت ڪئي. اهڙي صورتحال اردو ادب ۾ واضح رهي، جڏهن تہ سنڌي ادب ۾ اهڙو رجحان تمام

گهٽ رهيو. ترقي پسند اديبن، پنهنجي فڪر کي وقت ۽ حالتن سان هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، نون نون موضوعن کي پنهنجين تخليقن جو محور بڻايو ۽ نئين صنفن جي آجيان ڪئي. اها ڳالهه، فڪري لحاظ کان پوئتي پيل اديبن ۽ شاعرن جو ذهن قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو، تنهن ڪري هنن پنهنجي پُراڻ پسند سوچَ جي آڌار تي ، روشن خيال اديبن خلاف، پنهنجين اخبارن، رسالن ۽ تنظيمن ذريعي غلط پرچار شروع ڪيو. ان قسم جي مخالفت ترقي پسند ادب ۾ وڏيڪ سگهه ۽ مزاحمت جو سبب بڻي ۽ اهو رجحان جيئن پوءِ تيئن عام سطح تي ۽ تنظيمي محاذ تي وڏيڪ مقبول ٿيندو ويو. تنوير عباسي لکي ٿو:

”جڏهن ڪوبه دانشور، پنهنجي وقت جي رائج سماجي قدرن جي خلاف ٿو وڃي ۽ انهن جي جاءِ تي ڪي نوان قدر آڻڻ ٿو گهُري ته سڄو سماجُ، ان جي خلاف ٿيو وڃي. پهرين سڄو سماج، ڪيس انهن نئين واٽن تي هلڻ کان جهلي ٿو، پر ’جيئن جيئن جهلي جڳُ، تيئن تيئن مون تاڪيد ٿئي‘ وانگر جڳَ جو اهو جهلڻ، هن لاءِ مهميز ٿيو وڃي ۽ هو پنهنجي گهڙيل واٽ تي، جيڪا سماج لاءِ ڪواٽ آهي، اجان به تيزيءَ سان روان دوان ٿئي ٿو.“[5]

ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن جڏهن هيئيت جي تجربن کان وٺي، فڪر جي نئين راهن تائين، پنهنجين تخليقن کي هم آهنگ ڪيو ته انهن تي ڪُفر ۽ صوبائيت جا الزام مڙهيا ويا. انهن خلاف هر قسم جون رڪاوٽون پيدا ڪيون ويون، کين ذهني طور پريشان ڪرڻ لاءِ رياستي ادارن کي، سندن خلاف ملڪ دشمنيءَ جون ڪوڙيون رپورٽون پهچايون ويون. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌي اديبن ۽ سنڌي ادب پاڪستان جي ٻين ٻولين جي اديبن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ ڀوڳيو. ڇاڪاڻ ته روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ جي لحاظ کان، سنڌي اديب سڀ کان اڳڀرو رهيو آهي. غلام محمد گرامي لکي ٿو:

”ترقي پسند اديبن ۽ فنڪارن جي خلاف بدنام تاليف ’ادب کي آڙ ۾‘ جو، ٽيون ڇاپو تازو شايع ڪيو ويو آهي. ان طرح روزانه ’جسارت‘ ڪراچي، هفتيوار ’زندگي‘ لاهور، ’اردو ڊائيجسٽ‘ لاهور ۽ ’چٽان‘ لاهور ۾ مسلسل اشتعال انگيز مضمون ڇپجي چڪا آهن. جن ۾ جديد سنڌي ادب ۽ قومي تحريڪ جي خلاف ڪفر ۽ الحاد، صوبائيت ۽ تعصب جا بهتان ۽ الزام هنيا ٿا وڃن.“[6]

ترقي پسند اديبن خلاف، جيئن ان وقت جي حالتن جي اڀياس مان معلوم ٿئي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو تہ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي وئي جو ”ادب ڪي آڙ ۾“ جهڙن ڪتابن کي هڪ اهم ذميواري سمجهي شايع ڪيو ويو. اهڙين ڏکين حالتن ۾ بہ سنڌي اديبن، پنهنجي روشن خياليءَ واري راهہَ تي سفر جاري رکيو. روزانہ ’مهراڻ‘، ترقي پسند اديبن خلاف لکڻ ۾ سڀ کان اڳيري رهي. ترقي پسندن کي لوڙڻ ۾، ادبي لحاظ کان انهن کي گهٽ ڏيکارڻ ۾ هن اخبار هر قسم جا حربا استعمال ڪيا، ايتري قدر جو اهڙن اديبن کي ادبي چور ثابت ڪرڻ جون پُڻ ڪوششون ڪيون ويون.

روزانہ ’مهراڻ‘ جي 3-فيبروري 1957ع واري اشاعت ۾، سرور علي سرورَ جو هڪ مضمون ”شيخ اياز ۽ سندس ترقي پسند شاعري“ جي عنوان سان شايع ٿيو هئو، جنهن ۾ مضمون نگار شيخ اياز جي شاعريءَ جي حوالي سان، ترقي پسند شاعريءَ کي وزن کان ڪريل، واهيات ۽ مبهم سڏيو هو. انهيءَ مضمون جو ليکڪ سرور علي سرور، ترقي پسندن خلاف پنهنجي جدوجهد جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو:

”شروعات ۾ مون هن ملحدانہ تحريڪ خلاف رسالي ’ادا‘ ۾ تنقيدي مضمونن جو سلسلو جاري ڪري، ڪميونسٽ گروپ جا پولَ پڌرا ڪيا هئا، جنهن ڪري ادبي حلقن ۾ انهن جي خلاف هڪ جذبہء نفرت تہ پيدا ٿيو هو مگر عوام اڃان بہ انهن جي مقصدن مان ڪماحقہ واقف نہ هو، پر اها ڪسر خدا جي فضل سان روزانہ مهراڻ پوري ڪئي آهي. روزانہ مهراڻ نهايت جرئت سان ”هندوانہ ذهنيت جي“ عنوان سان ايڊيٽوريل ۽ ڪميونسٽن جي خلاف مضمون شايع ڪري، سنڌي ادب تي احسان عظيم ڪيو آهي.“

سرور علي سرور جي انهن ويچارن مان ترقي پسند ليکڪن خلاف سندس نفرت کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. روزانہ ’مهراڻ‘ 7-آگسٽ 1956ع واري اشاعت ۾ شايع ٿيل عاشق حسين ڪلاڪوٽيءَ جو مضمون ”شيخ اياز جي وائي يا وائي بادي شاعري“ بہ ساڳئي سلسلي جي ڪڙي هو. اخبارن جي تجزيي مان معلوم ٿئي ٿو تہ، انهن مختلف بهانن سان ترقي پسند ادب آڏو رڪاوٽون پيدا ڪيون.

## روزانہ مهراڻ اخبار جي غلط پرچار جو اثر:

روزانہ ’مهراڻ‘ حيدرآباد، ترقي پسند اديبن شاعرن ۽ انهن جي گڏيل ادبي جماعت سنڌي ادبي سنگت خلاف، هر محاذ تي لکيو. انهيءَ سلسلي ۾ انهيءَ اخبار مذهب کي استعمال ڪندي، روشن خيال ليکڪن کي، ’ڪافر‘، ’دهريو‘ ۽ ’ملحد‘

جهڙن لقبن سان نوازيو. هُنن جي اها ڪوشش رهي ته عام ماڻهن کي غلط پرچار ذريعي، انهن اديبن ۽ سندن جماعت خلاف ڀڙڪايو وڃي. عام حالتن جو مشاهدو رکندڙ ۽ ڪليل ذهن وارا ماڻهو، مهراڻ اخبار جي تعصبي رويي کي سمجهي ويا هئا، پر سادا ۽ ٻين جي راين کي جلد قبول ڪرڻ وارا ماڻهو، ان جي اثر ۾ ضرور اچي ويا هئا. اهڙين ئي حالتن جو اثر قبوليندي موري جو سيڪريٽري اختر مورائي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري اياز قادريءَ کي، تاريخ 12-نومبر 1956ع تي لکيل، پنهنجي خط ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

”مهراڻ جي واهيات تنقيدن، اسان جي ساٿين ۾ انتشار پيدا ڪري ڇڏيو آهي. اڄڪلهه جي مولوين جو ڪم آهي، ’فتنو پيدا ڪرڻ ۽ ڪفر جون فتوائون جاري ڪرڻ‘، سو مهراڻ جي ايڊيٽر ان ۾ پاڻ ڇگو موڪيو آهي. بندو اهي حالتون ڏسي نهايت مذبذب ۾ ڦاٿو آهي ۽ خيال ڪري رهيو آهي، جتي ماحول سازگار نه هجي، ان ماحول ۾ رهڻ ئي بهتر نه آهي. ان ڪري منهنجو خيال آهي ته پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏئي، پنهنجي آزاد نموني ۾ ادب جي خدمت ڪجي.“

اختر موراِئيءَ جي خط جي جواب ۾ اياز قادريءَ جڏهن ڪيس خط لکي، اصل صورتحال جي ڄاڻ ڏني ته هُو ساٿي مطمئن ٿيو ۽ پنهنجي ٻئي خط ۾ هُن همت ۽ حوصلي جو اظهار ڪيو هو. سنگت جي سيني ميمبرن کي روزانه مهراڻ جي نيت ۽ ارادن جي پروڙ پئجي وئي هئي. تنهن ڪري انهن جي پروپيگنڊا، سنگت ۽ ان سان واسطيدار اديبن کي عام سطح تي ڪو نقصان رسائي نه سگهي. قنبر شاخ جي سيڪريٽري غلام سرور عباسيءَ، پنهنجي 17 نومبر 1956ع تي لکيل خط ۾ اياز قادريءَ کي لکيو:

”اسان مهراڻ اخبار جي 19-آڪٽوبر 1956ع واري ايڊيٽوريل ڪان وٺي پوءِ جا سمورا بيان وغيره پڙهي چڪا آهيون. دل ۾ گهٽو ڏک ۽ جوش آهي. جذباتي هُئڻ جي ڪري هڪ هڪ لفظ سهي نٿي سگهياسي. شخصي حملا ڪرڻ نيڪ انسان جو ڪم ناهي. پنهنجي ادبي سنگت کي مخالفن جي غليظ پروپيگنڊا ڪان پاڪ رکڻ لاءِ دور انديشي ڪرڻ فرض آهي.“

غلام سرور عباسي جهڙا خيالَ، روزانه مهراڻ بابت سيني سنگت جي ساٿين جا هئا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ٽماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيل ترقي پسند ادب جي مخالفت:

سنڌي ادبي بورڊ ۽ ان جي ٽماهي رسالي مهراڻ ۾ جتي ڏيهي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو معياري ادب شايع ٿيندو رهيو آهي، اتي پرڏيهي ادب مان چونڊ ترجما به اتي ڇپبا رهيا آهن. خاص طور محمد ابراهيم جويو، غلام محمد گرامي ۽ شمشيرالحيدري جي ڏينهن ۾ مهراڻ رسالي نهايت معياري ترقي پسند ادب جي اشاعت ۾ پاڻ مڃرايو. ترقي پسند ادب جي ترقي ۽ روشن خيال اديبن جي مڃتا ۽ مشهوري، رجعت پسند حلقن کي بيچين ڪري ڇڏيو. هنن جي ڪوشش رهي ته ڪهڙي به طريقي سان انهيءَ ادب جي وڌندڙ مقبوليت ۽ ترقي پسند شاعرن، اديبن جي شهرت آڏو رڪاوٽون پيدا ڪيون وڃن ۽ اهڙي پروپيگنڊا ڪئي وڃي جيئن عام ماڻهن کي انهن خلاف ڀڙڪائي ۽ بدظن ڪيو وڃي. نتيجي ۾ هنن پنهنجا روايتي هٿيار استعمال ڪندي، ترقي پسند ادب تي فحاشيءَ ۽ مذهب دشمنيءَ جا الزام هڻڻ شروع ڪيا. اخبارن ۾ ڪوڙن نالن سان مضمون شايع ٿيڻ لڳا. ڪڏهن ڪڏهن اصل نالن سان به هنن جا مضمون شايع ٿيا پئي. جيئن سرور علي سَرور "ادا" نوابشاهه جي آگسٽ 1955ع واري شماري ۾، "مهراڻ جو ترقي پسند ادب" جي عنوان سان مضمون ڇپيو هو، جنهن ۾ هُن "ڪليات حمل" تي سطحي ۽ غير علمي تنقيد ڪئي هُئي. جنهن ۾ هو هڪ هنڌ لکي ٿو:

"هن اداري جي طرفان هڪ ڪتاب، 'ڪليات حمل' جي نالي سان شايع ٿيو آهي، جنهن جي ظاهري معنيٰ هيءَ سمجهي ويندي، 'حامله عورت لاءِ هدايت نامه'."[7]

ساڳئي ئي مضمون ۾ سرور علي سرور اڳتي لکي ٿو:

"ڪتاب جو مؤلف هڪ ترقي پسند اديب ۽ سُگهڙ نواز ڊاڪٽر آهي."

سرور علي سرور جي انهيءَ مضمون جي موٽ ۾، سندس ئي فڪري ڌُر سان واسطو رکندڙ اديب ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ، جوابي تنقيدي مضمون "ادا" سيپٽمبر 1955ع ۾ لکيو، جنهن ۾ هن سرور جي مضمون کي سطحي ۽ جذباتي مضمون سڏيندي هڪ هنڌ لکيو:

"مطلب ته سموري تنقيد انتهائي بيهوده ۽ حسد ۽ ساڙ وچان لکي وئي آهي. ڪيترن ماڻهن جي عادت ٿيندي آهي ته هو ڪنهن جي وڌندڙ شهرت ۽ عزت سهي نه سگهندا آهن ۽ پيا سڪٽا جَڪَ ڪائيندا آهن. هو ڪوشش ڪندا آهن ته انهن جو عزت ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وقار متيءَ ۾ ملي وڃي"

سرور علي سرور کي سندس غلط تنقيدي رويي تي جڏهن سندس ئي هم خيال اديب نندي ٿو ۽ ان کي حسد ۽ ساڙ جو سبب ڄاڻائي ٿو ته اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته انهن جو ترقي پسند ادب خلاف محاذ علمي ۽ عقلي نه، پر سطحي ۽ جذباتي هو.

محمد حسين ڪاشف "سنڌي ادبي بورڊ تي هڪ نظر" جي عنوان سان مهراڻ اخبار ۾ قسطوار تنقيدي مضمون لکيو هو. ان ۾ هن ٽماهي مهراڻ رسالي جي معيار کي ساراهيو آهي ۽ ڪي ڳالهيون تنقيدي لحاظ کان بهتر ڪيون آهن، پر ڪن هنڌن تي هو روايتي ڳالهين جو شڪار ٿي ويو. مهراڻ 21-جون 1956ع جي اشاعت ۾ مضمون جي ٻي قسط جي شروعات ۾ هن لکيو هو:

"بورڊ جي روح روانن تي هندو ذهنيت ايتري قدر سوار آهي جو "سير ريگستان" ڪتاب اڇي ٿو ته اهو جهٽ منظور ٿئي ٿو ۽ ان جي عيوض ۾ رشيد احمد لاشاري 'رشيد' کي سندس ڪتاب (نالو ڪتاب جو ياد نه رهيو اٿم) لاءِ رُلايو ٿو وڃي."

ساڳئي مضمون ۾ ڪاشف لکي ٿو:

"ادبي بورڊ ۾ نه صرف ڪتابن جي اشاعت ۾ شخصيت پروري ۽ دوست نوازي هلي رهي آهي، پر اڳتي وڌي انهن ماڻهن کي بورڊ ۾ آندو پيو وڃي جي 'جويه صاحب' جا هم راز، هم خيال ۽ هم مشرب آهن."

مضمون جي آخر ۾ ڪاشف صاحب لکيو هو:

" 'ادبي بورڊ' ۽ 'مهراڻ' ۾ سنڌي اديبن جون ڪافي اميدون هيون ۽ آهن. ليڪن جا پاليسي بورڊ جي هن وقت هلي رهي آهي، اها فاعدي جي بجاءِ سنڌي ادب کي نقصان جي طرف گهلي رهي آهي. ڇو ته ادبي بورڊ خالي هندن جي بوسيده ڪتابن شايع ڪرڻ ۽ دوست نوازيءَ تائين پاڻ کي محمول ۽ محدود رکيو آهي."

هُن مضمون ۾ اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هُئي ته جويو صاحب جيڪو هڪ روشن خيال اديب ۽ عالم آهي، فقط پنهنجي هم خيال دوستن کي ورسائي رهيو آهي ۽ هندو ليکڪن کي وڏي اهميت ڏني پئي وڃي. عالم اديب جي پرک سندس فڪري ۽ تخليقي پورهئي جي حوالي سان ٿيڻ کپي، نه ڪي سندس مذهب جي خيال کان. جيڪڏهن هندو عالمن جون ڪوششون ادبي بورڊ شايع ڪيون ته انهيءَ کي مذهبي

تعصب جو رنگ نہ ڏيڻ کپندو هو، پر مهراڻ رسالي ۽ ادبي بورڊ خلاف، انهن هٿيارن کي استعمال ڪيو ويو.

ٽماهي 'مهراڻ' ۾ شايع ٿيندڙ ترقي پسند ادب خلاف، اخبار 'مهراڻ' جي 5-فيبروري 1957ع جي اشاعت ۾ "سماهي مهراڻ ۽ سندس صالح ادب"، "شرم تم ڪو مگر نهين آتي" جي عنوان سان بي ايس بخاريءَ جو مضمون شايع ٿيو هو. انهيءَ مضمون ۾ ليکڪ مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيندڙ افسانن تي تنقيد ڪئي هئي ۽ خاص طور، 'بدمعاش' افساني جي حوالي سان هن ترقي پسند ادب تي چوهہ چنڊيا هئا. مضمون نگار هڪ هنڌ لکيو هو:

"اهي ڪميونزم جا شيدائي، ادبي قزاق، غارتگرانِ اخلاق، علم ۽ ادب جي پرده ۾ قوم جي متاع اخلاق کي فنا ڪرڻ ۽ سنڌين جي مذاق کي بگاڙڻ گهُرن ٿا. انهن جو شيوه اهو ٿي آهي تہ ظاهر ۾ اخلاق ۽ انسانيت جا لفظ هجن ۽ اندر ۾ متاعِ اخلاق ۽ انسانيت کي نابود ڪرڻ جون سازشون."

تنقيد جي نالي ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٽماهي مهراڻ جي خلاف جيڪي مضمون شايع ٿيا، اهي گهڻو ڪري هڪ طرفا ۽ ڪنهن مخصوص سوچ جي آڌار تي لکيل هئا. اهڙن مضمونن جو مقصد، مهراڻ ۾ شايع ٿيندڙ ترقي پسند ليکڪن ۽ هندو ليکڪن جي لکڻين کي شايع ٿيڻ کان روڪڻ هو. محمد ابراهيم جويي، انهن مخصوص روين بابت مهراڻ رسالي جي ايڊيٽوريل ۾ لکيو هو:

"ڪي دوست اهڙا بہ آهن، جن کي اسان ۾ خامين ۽ ڪوتاهين، اوڻاين ۽ عيبن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي. ايتري قدر جو هو اسان جي ناچيز خدمتن متعلق پنهنجي هڪ طرفي راءِ ۽ فيصلي تي نہ فقط نظرثاني ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيا، پر پنهنجي جذباتي ۽ انتها پسند اختلافن کي شايع ڪرڻ کان بہ نہ گُسا." [8]

انتها پسنديءَ جي اثر هيٺ ٿيل مخالفتن جي باوجود ٽماهي مهراڻ جو ترقي پسند ادب کي زور وٺرائڻ وارو سفر جاري رهيو. تاريخ، وقت ۽ حالتن ثابت ڪيو تہ سطحي ۽ جذباتي تنقيدي رويا ۽ اجائي مخالفت ترقي پسند ادب کي پکڙجڻ کان روڪي نہ سگهي. جڏهن تہ فرسوده ۽ مدي خارج سوچ جو پرچاري ادب، وقت ۽ حالتن سان ساٿ ڏيئي نہ سگهيو ۽ پنهنجي اهميت وڃائي ويٺو.

## درسي ڪتابن ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جو مسئلو:

سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي 7-آڪٽوبر 1956ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيل ڪنوينشن جي آخر ۾ ٻين ڪيترن ٺهرائن سان گڏ، درسي ڪتابن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ بابت پڻ هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو، جنهن جو متن هن ريت هو:

”هي سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن درسي ڪتابن جي اهميت ۽ مقصدن کي خيال ۾ رکي، تعليم کاتي جي بالا اختياريءَ وارن جو ڌيان انهيءَ حقيقت طرف ٿو ڇڪائي، تہ سنڌي درسي ڪتابن ۾، اڪثر سنڌي لفظن بدران عربي ۽ پارسي ڏکيا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. هن ڪنوينشن جو زوردار رايو آهي تہ اها ڪارِ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ نهايت هاڃيڪار آهي. تنهن ڪري هي ڪنوينشن تعليم کاتي جي اختياريءَ وارن کي گذارش ٿو ڪري تہ آئيندي انهيءَ ڳالهہ جي پرهيز ڪئي وڃي ۽ سنڌي شاگردن لاءِ صاف ۽ سولي سنڌيءَ ۾ ڪتاب مهيا ڪيا وڃن.“ [9]

سنڌي ادبي سنگت جو اهو هڪ جائز مطالبو هو، ڇوتہ جيڪڏهن ڏکئي ٻوليءَ سبب شاگرد سبق جو مطلب ۽ مقصد سمجهي نٿا سگهن تہ پوءِ تعليم حاصل ڪرڻ جو ڪارج ڪهڙو رهندو. سنگت جي ان گهُر ۾ عربي يا پارسيءَ سان نفرت جو تاثر ڪونہ ٿو اڀري. اهو هر ٻار جو بنيادي حق آهي تہ پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ عام فهم ۽ آسان لفظن ذريعي علم حاصل ڪري.

انهيءَ دؤر ۾ سنڌي لکڻين ۾ عربي ۽ فارسي لفظن جو گهڻو واهپو وڌيڪ قابليت ۽ ڏاهپ جي نشاني سمجهيو ويندو هئو ۽ اُهي اثر ڪافي دير تائين اسان جي علمي ادبي تحريرن ۾ رهيا. درسي ڪتابن ۾ سنڌي آسان ۽ مروج لفظن بدران عربي ۽ پارسيءَ جي ڏکين لفظن جي استعمال جو ڪو مناسب دليل نہ هوندي بہ قدامت پسند حلقن سنگت جي اُنهيءَ گهُر خلاف پنهنجو روايتي فتوائن وارو هٿيار استعمال ڪيو. روزاني ’مهراڻ‘ ڪراچيءَ 19-آڪٽوبر 1956ع واري اشاعت ۾ ”هندوانہ ذهنيت“ جي عنوان سان، سنگت جي ٺهراءَ خلاف ايڊيٽوريل لکيو. ساڳئي عنوان سان مهراڻ ۾ رجب علي جي خيالن جي حمايت ڪندي، مهراڻ جي 11-نومبر 1956ع واري اشاعت ۾ واحد بخش لغاريءَ جو خط شايع ٿيو هو، جنهن ۾ هن صاحب لکيو هو: ”سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ وارو ٽولو هڪ ادب جي لُٽيرن جو ٽولو آهي“ ۽ پوءِ هن سنگت جي ساٿين تي اشتراڪي هئڻ ۽ اسلام دشمنيءَ جا الزام پڻ هنيا آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

روزاني ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽوريل کان روزاني ’ڪاروان‘ ڪراچي ۾ ٿي وڪون اڳتي وڌندي سنگت بابت مجموعي راءِ ڏيندي لکيو هو ته ان تنظيم سان لاڳاپيل اديب ۽ شاعر ملحد ۽ ڪميونسٽ آهن. هُنن جو مذهب تي اعتماد ڪونهي ۽ هو خُدا جا منڪر آهن. روزانه ڪاروان، پنهنجي 23-آڪٽوبر 1956ع واري ساڳئي اشاعت ۾ سنگت جي واسطيدارن کي چتاءُ ڏيندي لکيو:

”هن کان پوءِ اسين سنگت جي تاجي پيٽي اُڊيٽڙن کان هرگز نه ڪيٻائيندا سين ۽ سنگت هي چتاءُ پير تي ڏونڪو سمجهي.“

قدامت پسند ڏرين طرفان سنگت خلاف ساڳين فتوائن جاري ڪرڻ سبب اعتدال پسند ڌريون، تعصبي رويي جي اصليت کي سمجهي ويون هيون. اهو ئي سبب هو جو اُهي ايترن حربن کان پوءِ سنگت جي روشن خياليءَ واري واٽ کي روڪي نه سگهيون ۽ سنگت جي خيرخواهن ۽ همدردن ۾ واڌارو ٿيندو رهيو.

روزانه ’هلال پاڪستان‘ 24-آڪٽوبر 1956ع واري اشاعت ۾ ’ڪاروان‘ اخبار جي سنگت بابت خيالن تي تمام گهڻي افسوس جو اظهار ڪندي، انهن ڌمڪين کي ذاتي رنجش ۽ بغض سڏيندي لکيو:

”عام طور تي هن قسم جون فتوائون ۽ ڌمڪيون، جاهل مُلن جي دماغي ڪيفيت جو آئينو هونديون آهن. جڏهن ڪو جاهل مُلان ڪو مسئلو نه سمجهي سگهندو آهي يا ڪنهن سوال جو جواب ڏيڻ وقت سندس مغز چڪر ڪائيندو آهي، تڏهن هو غصي ۾ هڪدم ڪُفر جي فتويٰ صادر فرمائيندو آهي. سنڌي ادبي سنگت تي ڪميونسٽن ۽ ملحدن جي ٽولي جو الزام مڙهيندڙ اڄ تائين به نه سمجهي سگهيا آهن ته ’ادب‘ ڪهڙي شيءِ آهي.“

سنڌي ادبي سنگت اڳ ۾ به وضاحت ڪئي هئي ته درسي ڪتابن ۾ آسان ٻوليءَ جي گهُر عربي ۽ پارسي ٻوليءَ جي خلاف نفرت جو اظهار نه آهي. ساڳئي سلسلي ۾ 9-ڊسمبر 1956ع تي نوابشاهه ۾ ٿيل مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ پڻ وضاحت ڪندي چيو ويو: ”ڪاميٽي درسي ڪتابن جي مقصد ۽ اهميت کي دهرائيندي فيصلو ڪيو آهي ته درسي ڪتابن ۾ ڪيترائي اهڙا ڏکيا ۽ ڏاريا لفظ ڪتب آندل آهن، جي ٻارن جي سمجهه کان ٻاهر آهن. اهڙن ڏکين لفظن عيوض سنڌي لفظ ڪتب آڻڻ مان مراد عربي، پارسي دشمني نه آهي، پر ٻارن جي سهولت

آهي.“ (روزانہ ’نئين سنڌ‘ ڪراچي 16-ڊسمبر 1956ع).

درسي ڪتابن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ بابت سنگت جي موقف جي ’مهراڻ‘ جي 6 نومبر 1956ع واري اشاعت ۾ ”هندوانہ ذهنيت“ تي تنوير عباسيءَ جو تفصيلي تبصرو شايع ٿيو هو. انهيءَ ۾ بيان ٿيل ويچارن جا وچ وچ ۾ اخبار جي ايڊيٽر جواب پڻ لکيا هئا. مثال طور تنوير عباسيءَ هڪ هنڌ لکيو هو: ”اوهان جي ايڊيٽوريل ۾ تعميري ۽ افادي پهلو بہ نمايان آهن، پر ايترو ضرور آهي تہ اوهان ڪن غلطفهمين جي شڪار ٿيڻ کان بچي نہ سگهيا آهيو.“

ان جي جواب ۾ مهراڻ جو ايڊيٽر لکي ٿو: ”اهي غلطفهميون ادبي سنگت جي ٺهراءَ جون پيدا ڪيل آهن، جنهن ۾ ٻين ڌارين ٻولين کي ڇڏي فقط عربيءَ ۽ فارسيءَ تي هٿ صاف ڪيا ويا آهن.“

ساڳئي تبصري ۾ تنوير عباسيءَ هڪ هنڌ لکيو هو: ”اُميد تہ اوهان وري پنهنجي ايڊيٽوريل تي ٿڌي سيني سان غور ڪندا ۽ هڪ آزاد خيال، بي تعصب سنڌي مسلمان جي نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ سنڌ جا تعليمي ماهر، اديب ۽ شاعر بہ سنگت جي هن سنڌيءَ جي ڀلائي خاطر ڪيل فيصلي جو خير مقدم ڪندا.“ اهڙن خيالن جي موٽ ۾ ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽر لکيو:

”اسان کي افسوس آهي تہ توهان جو دلنشين اسلوب بيان بہ اجان تائين اسان کي قائل نہ ڪري سگهيو آهي.“

تنوير عباسيءَ جي نهايت نرم لهجي ۾ لکيل انهيءَ تبصري جي موٽ ۾ ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽر جو رويو اهو ظاهر ڪري ٿو تہ هو حقيقتن کي تسليم ڪرڻ بدران اجائي ضد ۽ مخالفت براءِ مخالفت جو قائل هو. هُو ۽ هنن جي ساٿين هر انهيءَ چڱي نيت يا ڪم تي اعتراض ڪرڻو هو، جنهن جي شروعات سنڌي ادبي سنگت جي روشن خيال اديبن طرفان ڪئي وئي هُجي.

## نئين صنفن خلاف واويلا:

تخليقي اظهار جي سلسلي ۾ هڪ سُجاڻ سرجڻهار لاءِ صنف، ڪڏهن بہ مسئلو نہ بڻبي آهي. سنڌي ادبي سنگت سان لاڳاپيل شاعرن، پنهنجي تخليقن ۾ نہ فقط نئين فڪر ۽ نون موضوعن کي آندو، پر ٻاهرين نئين صنفن: هائيڪو، ترائيل، آزاد نظم،

وغيره جي پڻ آجيان ڪئي. سنگت جي روشن خيال شاعرن انهن صنفن جو گهاڙيٽو ضرور استعمال ڪيو، پر ڳالهه پنهنجي ديسَ، ان جي فطرتي سُونهن ۽ پنهنجي اندر جي احساسن جي ڪئي. اهڙيءَ طرح انهن نئين صنفن جو اسان جي شاعريءَ ۾ واڌارو ٿيو، جيڪا ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ادب لاءِ هڪ چڱي ڳالهه پڻ ليکجي ٿي.

نون تجربن جي مخالفت ڪرڻ جي شايد هر هنڌ روايت رهي آهي. آمريڪي شاعر والٽ وهٽمن (Walt Whitman) ، جنهن کي نثري نظمن جو باني سڏيو وڃي ٿو، تنهن ان صنف جي پنهنجي پهرين مجموعي 'گاهہ جا پن' (Leaves of Grass) پاڻ ڇپائي، ان دؤر جي ناليوارن شاعرن کي سوکڙي ڪري اماڻيو هو. موٽَ ۾ سيني شاعرن لعن تاڻي سان ، ڪيس اهو مجموعو واپس ڏياري موڪليو هو. اڳتي هلي اُنهيءَ ساڳئي اظهاري انداز جي قدرداني ٿي ۽ والٽ وهٽمن کي "جمهوريت جو شاعر" جو خطاب ڏنو ويو.

آزاد نظم هڪ شعري صنف آهي، جنهن جون بہ ٻين صنفن وانگر ڪي پابنديون ۽ اصول آهن. جيڪڏهن ڪي شاعر ان صنف جون گهُربل ضرورتون پوريون نٿا ڪن ۽ 'آزاد نظم' جي نالي ۾ ڪُجهه ٻيو لکي رهيا آهن تہ اهو هڪ ڌار بحث آهي.

سنڌي ادبي سنگت سان لاڳاپيل ترقي پسند شاعرن، هن صنف جي آجيان ڪندي، ان کي پنهنجي تخليقي اظهار جو وسيلو بڻايو. رجعت پسند ۽ قدامت پسند حلقا، جيڪي هن صنف تان اڳيئي ڪاوڙيا ويٺا هئا، تن کي جڻ ترقي پسندن خلاف موقعو ملي ويو. اخباري ڪالمن، رسالن، ادبي ميڙن ۾ هُنن هن نئين صنف ۽ شاعرن خلاف لکندي، ان جي سخت لفظن ۾ ننڌا ڪئي. روزانہ 'مهراڻ' حيدرآباد جي 25- سيپٽمبر 1963ع واري اشاعت ۾ "بي رياءَ" پنهنجي ڪالم "پير تي ڏونڪو" ۾ لکيو هو: "ڪُتا بہ گوڏا ڪوڙي آزاد نظم ڳائي سگهن ٿا، جنهن کي سنڌيءَ ۾ اوناڙون چئبو آهي."

ڪالم ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ انهيءَ "بي رياءَ" ليکڪ کي آزاد نظم سان ڪيتري نفرت آهي. لهجي واري اهڙي ڪڙاڻ انهيءَ حلقي جي ليکڪن وٽ هر هنڌ ساڳئي هُئي. روزاني 'مهراڻ' حيدرآباد 6-آڪٽوبر 1963ع واري اشاعت جي پنجين صفحي تي "آزاد نظم يا بداخلاقيءَ جو پرچار" جي عنوان سان، منير سولنگيءَ جو مضمون ڇپيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ وس آهر هن صنف



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خلاف پنهنجي ڪاوڙ جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

”آزاد نظم جنسي جذبن ڪي ترقي ڏيارڻ جو هڪ فرسوده هٿيار آهي. آزاد نظم ڪي سنڌي ادب ۾ آڻي، تخريبي ڪاروائين ڪرڻ جو نهايت عمدو طريقو ڳولي لڌو اٿائون، ڇو ته هن صنف جي وسيلي، شاعريءَ کان ناواقف انسان به هڪ ضخيم پستڪ جوڙي سگهي ٿو. هن خبيث صنف ۾ ڪنهن به شاعريءَ جي اُصول جي ضرورت ڪانه آهي.“

نئين صنف خلاف واويلا ڪندڙن جي جذهن تنقيدي راين جو جائزو وٺجي ٿو ته انهن جي ذهني سطح ۽ غيرادبي رويي جي خبر پئجي وڃي ٿي. نئين صنفن جي خلاف اها محاذ آرائي غير ضروري ۽ وقتي ثابت ٿي ۽ اهي صنفون، آهستي آهستي سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ والاريندي ويون.

## شيخ اياز ۽ لطيف ثانيءَ وارو مامرو:

شيخ اياز جي شخصيت ۽ شاعريءَ خلاف روزانه مهراڻ حيدرآباد ۾ انهيءَ سان واسطيدار حلقن، وس آهر ڪافي لکيو. ان سلسلي ۾ هڪ ڳالهه پکيڙي ويئي ته شيخ اياز پاڻ کي شاهه لطيف جي برابر ٿو سمجهي يا سندس حواري هُن کي ”لطيف ثاني“ جي نالي سان سڏين ٿا. شيخ اياز جي وڌندڙ شهرت ۽ کيس ملندڙ عزت، سندس مخالفن کان برداشت ڪانه ٿي پئي سگهي، تنهن ڪري هنن شيخ اياز جي فن ۽ فڪر بابت لکيل مختلف مقالن جي حوالي سان اهو پرچار شروع ڪيو ته شيخ اياز پاڻ کي ”لطيف ثاني“ سمجهي ٿو. خاص طور تي شيخ اياز بابت، مارچ اپريل 1963ع واري ’نئين زندگي‘ ۾ رشيد ڀٽيءَ جي اپياس، انهيءَ ڏس ۾ مخالفن کي وڏو وجهُ ڏنو.

شيخ اياز پنهنجي طرفان وضاحت طور ”مون وٽ مڙئي بيت“ جي عنوان سان ماهوار ”نئين زندگي“ ڏانهن هڪ پيغام اماڻيو، جنهن ۾ هُن، انهن غلط خبرن جي ترديد ڪندي لکيو:

”مون ڏانهن ’شاهه لطيف‘ جي برابريءَ جي دعويٰ اهو ئي منسوب ڪري سگهي ٿو، جنهن منهنجي ڪلام جو مطالعو نه ڪيو آهي. مون دنيا جي گهڻن ئي عظيم شاعرن جو مطالعو ڪيو آهي، پر مون تي ڪنهن به شاعر جو ايترو گهرو اثر نه پيو آهي، جيترو شاهه لطيف جو.“ [10]

ساڳئي پيغام ۾ ئي شيخ اياز پنهنجا اُهي بيت حوالي طور ڏنا هن، جن ۾ شاهه لطيف رح سان، هُن جي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ٿيل آهي. انهن بيتن مان ڪجهه هي آهن:

پرسان تُنهنجي پٽ ڏٺي! جهلي بيٺس جهول،
ڏنئي ٻه ٽي ٻول، سخي منهنجي ساهه ڪي.

ڪٺا ڪنيم ڪيچ مان، ڪليا تنهنجا ڪيت،
مون وٽ مڙئي بيت، تو وٽ آهن آيتون.

آءُ ڀٽائي آءُ، تنهنجي ڪِهه منهنجون اکيون،
ڏس مون تنهنجو ڪِينرو، پوريو ناهه پاءُ،
ساڳو جوڳ جڙاءُ، ساڳا سڏڙا سازَ جا.

انهيءَ دؤر ۾ شاهه لطيف سان شيخ اياز جو عقيدت وارو اظهار، جيڪو شاعريءَ جي روپ ۾ بعد ۾ به جاري رهيو ۽ شيخ اياز طرفان وضاحت مان اهو پڌرو هو ته هن ڪڏهن به پاڻ کي 'لطيف ثاني' چوائڻ پسند ڪونه ڪيو، پر اهڙو پرچار به ڪيس پسند ڪونه هو.

## شيخ اياز جو نظم 'سنگرام':

دنيا جي سمورن روشن خيال انسانن، عالمن، اديبن، دانشورن هميشہ امن، ياٽپيءَ ۽ انسان دوستيءَ جي حمايت ۽ جنگ کان نفرت جو اظهار ڪيو آهي. پهرين ۽ ٻين مهاڀاري لڙائيءَ مان انسانذات کي ٿيل نقصان جا تفصيل پڙهي لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. ڪن طاقتن جي ويڙهه ۾ عام انسان ڪيترو ڀوڳين ٿا، تنهن جو احساس اهي ئي ڪري سگهن ٿا، جيڪي انهن مرحلن مان گذريا هوندا.

دهليءَ ۾ (23 کان 28 ڊسمبر 1956ع) ايشيائي اديبن جي ڪانفرنس ٿي هئي، جنهن ۾ سترهن ايشيائي ملڪن جا نمائندا ۽ هندوستان جي سمورين ٻولين جا شاعر ۽ اديب شريڪ ٿيا هُئا. پهرين ڏينهن تي ڪانفرنس ۾ صدارتي تقرير ڪندي، هندوستان جي مشهور اديب همايون ڪبير چيو هو:

”ايشيا جا اديب پنهنجين لکڻين ذريعي دنيا کي جنگ ۽ خونريزيءَ کان بچائي سگهن ٿا. ايشيائي اديبن جي هن ڪانفرنس جي اهميت هيءَ آهي ته هتي ديس ديس جا اديب ۽ شاعر گڏجي، مذهب، قوميت، مُلڪ ۽ ذات پات جا فرق وساري، محض انسانن جي حيثيت ۾ هڪٻئي لاءِ ۽ سڄي انسانذات جي بهبوديءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ سوچين .“ [11]

شيخ اياز هندوستان ۽ پاڪستان جي 1965ع واري جنگ جي حوالي سان پنهنجي شاعر دوست نارائڻ شيام جو ذڪر ڪندي جيل ۾ هي آزاد نظم لکيو هو، جيڪو ماهوار ’روح رهاڻ‘ حيدرآباد ۾ شايع ٿيو هو:

”هي سنگرام
سامهون آ نارائڻ شيام
هن جا منهنجا
قول به ساڳيا
ٻول به ساڳيا
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٽي، پر
منهنجا رنگ رتول به ساڳيا
ڍٽُ به ساڳيو ڍول به ساڳيو
هانءُ به ساڳيو هول به ساڳيو
هن تي ڪيئن بندوق ڪڻان مان
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان
ڪيئن هڻان مان
ڪيئن هڻان مان
ڪيئن هڻان مان.“ [12]

هن نظم جو مفهوم بنهه واضح آهي ۽ اها دل جي سچائي ۽ حقيقت به آهي ته ڪوبه ماڻهو ڪنهن به ويڙهه ۾ پنهنجي پرين پياري، محبوب يا دوست تي بندوق تاڻي نٿو سگهي. رجعت پسند حلقن، انهيءَ نظم جي غلط تشريح اها ڪئي ته شيخ اياز، نارائڻ شيام کي علامت طور استعمال ڪيو آهي ۽ جنهن مان مُراد ڀارت آهي. سکر جي شهر واسين پاران 54 معزز شهرين جي نالن سان، ان نظم خلاف هڪ وال پوسٽر،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نظم جي اردو ترجمي سان ڇاپي، سڄي سنڌ ۾ پتين تي هنيو ويو. ان کان سواءِ نظم خلاف اخباري بيان، ٺهراءَ ۽ ڪجھ ڪتابڙا وغيره بہ ڇاپيا ويا. انهيءَ سلسلي ۾ رشيد ڀٽي لکي ٿو:

”ان اشتهار بازيءَ جي موٽ ۾ سنڌ جي ترقي پسند ۽ باشعور اديبن پاران بہ جوابي اشتهار، ڪتابڙا، بيان، ٺهراءَ وغيره جاري ڪيا ويا. هيل سنڌ جي ترقي پسند اردو اديب ۽ دانشورن بہ اسان جو ساٿ ڏنو. سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ترقي پسند اردو اديبن اياز جي حمايت ۾ بيان ڏنا، اشتهار ۽ ڪتابڙا شايع ڪيا، انهن ۾ الياس عشقي، حمايت علي شاعر، محسن ڀوپالي، حسن حميدي، آفاق صديقي، نڪت بريلوي ۽ خالد عليگ جا نالا قابل ذڪر آهن.“ [13]

تن ڏينهن ۾ اولهہ پاڪستان جو ٻيلي ڪاتي جو وزير سکر آيو تہ ڪجھ ماڻهو وفد ناهي ساڻس مليا ۽ اهو شيخ اياز خلاف ڇپايل پوسٽر ڪيس ڏيکاريندي چيو تہ شيخ اياز پاڪستان جي خلاف آهي. اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر گُل حسن منگي بہ اتي ويٺل هو، سو وزير صاحب کانئس شيخ اياز جي نظم جو مفهوم پڇيو. جنهن تي گُل حسن منگيءَ شيخ اياز جي بچاءَ ۾ ڳالهائيندي معاملي کي ٺاري ڇڏيو. بهرحال شيخ اياز انهيءَ صورتحال سبب ڪافي پريشان هو. اهڙو اظهار پنهنجي جيل ڊائريءَ ۾ ڪندي هو لکي ٿو:

”جي ڪجھ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جا اردو اديب سبطِ حسن، محسن ڀوپالي وغيره ان پوسٽر جي جواب ۾ اشتهار شايع ڪري منهنجو بچاءُ نہ ڪن ها تہ نارائڻ شيام تہ وينو دليءَ ۾ هائيڪو لکي ها، پر مون کي جيئري گڏھ جي پيٽ ۾ پوريو وڃي ها.“ [14]

رشيد ڀٽي، حميد سنڌي ۽ سندس دوست ان سلسلي ۾ قانوني رستو اختيار ڪندي، پوسٽر ۾ ڇاڻايل 54 ڄڻن خلاف بدناموسيءَ جو ڪيس داخل ڪيو، جنهن ڪري انهن خلاف وارنٽ جاري ٿيا. ڪيس شروع ٿيو تہ انهيءَ ڏس ۾ ان ڌُر پاران وڏيڪ پروپيگنڊا ۽ غلط پرچار جو سلسلو رُڪجي ويو. ترقي پسند، روشن خيال ليکڪن خلاف جتي ڪٿي هڪڙو ئي هٿيار استعمال ڪيو ويو آهي. ڪنهن بہ تخليقڪار جي تخليق کي جذبن ۽ احساسن جي حوالي سان سمجهڻ بدران، تعصب ۽ هڪ مخصوص فڪري تنگ نظريءَ سان پڙهڻ سبب ان جي صحيح مفهوم کي سمجهي نہ سگهبو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مهاتما گانڌيءَ جي موت تي جميعت الشعراءِ سنڌ جي ترجمان رسالي، 'اديب سنڌ' ۾ غلام احمد نظاميءَ جو هي شعر ڇپيو هو :

هاءِ غم جي اچي وئي آنڌي،
جو ويو اڄُ مهاتما گانڌي.

هن شعر ۾ شاعر، مهاتما گانڌيءَ جي انسان دوست ڪردار سبب هن جي ديهانت تي ڏک جو اظهار شعر ۾ ڪيو آهي، پر جيڪڏهن مذهبي ڪٽرپڻي جي بنياد تي ان شعر کي پڙهيو ويندو ته شيخ اياز جي نظم تي اعتراض ڪندڙن لاءِ، هن شعر ۾ ڪافي گنجائش موجود آهي. هڪ طرف رياستي پابندين جي گهُٽ ٻوسٽ، ٻئي طرف قدامت پسند ڌرين جي فتوائن، اهڙي صورتحال پيدا ڪئي هئي، جنهن ۾ روشن خيال ليکڪن کي وڏن مونجهارن کي منهن ڏيڻو ٿي پيو. فقط سنڌ جي نالي وٺڻ تي مصيبتن ۽ تڪليفن جا دروازا کُلي ٿي پيا. انهيءَ سلسلي ۾ شيخ اياز لکي ٿو: "1965ع واري جنگ ۾، مان ئي پاڪستان ۾ هڪ مسلمان هيس، جنهن کي جنگ دوران نظربند ڪيو ويو هو. ڇڻ ته ٿر تي حملو ئي منهنجي شاعريءَ ڪرايو هو. بس رڳو اهو سبب هو ته مون سنڌ جو نانءُ ورتو هو. نانءُ جو ايوب حڪومت، نقشي تان مٽائي ڇڏيو هو." [15]

شيخ اياز جو نظم 'سنگرام' يا سندس ٻي شاعريءَ تي وقت بوقت جيڪي اعتراض اٿيا، سي علمي نوعيت جا گهٽ، پر انتقامي ۽ جذباتي وڌيڪ هئا، جن ۾ ذاتي رنجش ۽ تعصب جو عنصر شامل هو. اهو ئي سبب هو جو هُن خلاف فتوائون جاري ٿيون.

## روزانه مهراڻ جي نمائندي جي غلط بياني ۽ سنگت جي اديبن جي مزاحمت:

سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد پاران 24-اپريل 1965ع تي جشن لطيف ملهايو ويو، جنهن جي صدارت مشهور عالم ۽ اديب مولانا غلام محمد گراميءَ ڪئي. هن جشن ۾ تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، الطاف عباسي ۽ ٻين ڪيترن اديبن ۽ شاعرن کانسواءِ اهم مقامي شخصيتن شرڪت ڪئي.

روزانه مهراڻ حيدرآباد جي سکر واري نمائندي 'عبدالڪريم تابان' پنهنجي روايتي ترقي پسند دشمنيءَ مطابق، انهيءَ جشن لطيف جي رپورٽ، تمام سطحي ۽ ٺوڪ واري انداز ۾ لکي. 28-اپريل 1965ع واري روزنامه 'مهراڻ' جي اشاعت ۾ انهيءَ

جشن بابت خبر هن طرح شايع ٿي:

شاهه کي مارڻ لاءِ هالن وٽ زهر ڏنو ويو — گرامي.

ڀٽائي جاگيردارانه ۽ مذهب جي فرسوده نظام خلاف بغاوت ڪئي. پيرن، ميرن ۽ شاهن، ڀٽائيءَ کي هڪ هفتو به سنڌ ۾ آرام سان رهڻ ڪونه ڏنو.

جيڪب آباد ۾ مسٽر گراميءَ جي گوهر فشاني.

'مهراڻ' جي نمائندي، ساڳئي خبر ۾ اڳتي هلي، گرامي صاحب بابت لکيو:

"اهڙو اظهار، تازو جيڪب آباد ۾ 'مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات' جهڙي بدنام ۽ رُسواءِ زمانا مضمون جي مصنف مسٽر غلام محمد گراميءَ، ايشيا جي باڪمال درويش ۽ صدا حيات صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ياد ۾، هتي ٿي گذريل ورسيءَ جي موقعي تي مقالات جي نشست جي صدارتي تقرير ۾ ڪيو."

مهراڻ جي نمائندي، عبدالڪريم تابان ساڳئي رپورٽ ۾ عبدالڪريم گدائيءَ بابت طنزيه انداز ۾ لکيو:

"مسٽر عبدالڪريم گدائيءَ، گراميءَ جي شان ۾ هڪ قصيدو/تعارف پڙهيو. هن گراميءَ متعلق ظاهر ڪيو ته اهي جيڪب آباد جا ڀاڳ آهن جو گراميءَ جهڙو برگزيده عالم ايڏا ڪشالا ۽ قيمتي وقت ڪڍي ڪري هتي پهتو آهي. هن چيو ته گراميءَ، 'مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات' لکي، سنڌي ادب تي عظيم احسان ڪيو آهي. ان ڪري بورڊ کي کپي ته اهو مقالو ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪرائي. گدائيءَ جي انهيءَ تعارف تي سامعين ڪافي بوريت محسوس ڪئي. ڪن ويٺلن"چمچو چمچو" جا نعرا پڻ بلند ڪيا."

جشن لطيف بابت 'مهراڻ' اخبار جي انهيءَ رپورٽ، سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد سميت، سنڌ جي ٻين شهرن جي اديبن، شاعرن ۽ ادب دوستن کي رنج رسايو.

جيئن ته 'مهراڻ' اخبار جو رويو روشن خيال اديبن خلاف شروع کان ئي اڳرائي وارو هو، تنهن ڪري انهيءَ خبر کي به ساڳئي روايتي سلسلي جي هڪ ڪڙي سمجهيو ويو.

سنگت جيڪب آباد جي ميمبرن ان خبر کي، پنهنجن عالمن ۽ اديبن خلاف،

غلط پرچار سمجهندي، اخبار جي ايڊيٽر سردار علي شاهه ’ذاڪر‘ ۽ نمائندي عبدالڪريم تابان خلاف، مقامي سب جج جي ڪورٽ ۾، ڪيس داخل ڪيو. ڪيس عبدالڪريم گدائيءَ طرفان داخل ڪيو ويو، جنهن جا شاهد هئا: غالب لطيف، غلام قادر بلوچ؛ وائيس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي جيڪب آباد، شمس الدين چُنائي؛ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي جيڪب آباد، نور احمد سومرو؛ هيڊ منشي ايس ڊي ايم جيڪب آباد، عبداللطيف نائب ٽيچر، ڊاڪٽر امام بخش، ڊاڪٽر تنوير عباسي، پروفيسر الطاف عباسي، پروانو ڀٽي، شمشيرالحيدري؛ سيڪريٽري جنرل، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، شيام ڪُمار؛ نمائندو خادم وطن سکر، رسول بخش شيخ؛ ايڊيٽر هفتيوار صداقت جيڪب آباد، احمد ميان سومرو؛ ايم پي اي ويسٽ پاڪستان، درياهه خان ڪوسو؛ ايم اين اي، ڪي. ڪي ڀٽو؛ سول سرجن جيڪب آباد ۽ مرزا فيض محمد؛ بي ڊي ميمبر جيڪب آباد.

ڪورٽ ۾ داخل ڪيل شڪايت ۾ ڄاڻايو ويو ته، ’مهراڻ‘ اخبار ۾، ’جشن لطيف‘ جيڪب آباد جي حوالي سان ڇپيل خبر ۾ ڪوڙ ۽ تعصب جو مظاهرو ڪندي، نهايت غلط ۽ غير شائسته ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. تقريرون ٻڌندڙن، عبدالڪريم گدائيءَ جي تقرير تي بوريت محسوس ڪندي ”چمچو چمچو“ جا نعرا هرگز ڪونه هنيا هئا، تنهن ڪري اهڙن من گهڙت ۽ دل آزاريندڙ خبر شايع ڪرڻ تي اخبار جي ايڊيٽر ۽ نمائندي خلاف قانون مطابق قدم کنيو وڃي.

روزنامه ’مهراڻ‘ جي نمائندي عبدالڪريم تابان پنهنجي روايت مطابق، ڪجهه ڏينهن اڳ، سکر ۾ 10 ـ 11 اپريل 1965ع تي ڪوٺايل، سنڌي ادبي سنگت جي مرڪز ۽ شاخن جي گڏيل ڪنوينشن جي حوالي سان، پنهنجي اخبار ۾ هن نموني جي خبر هلائي هُئي:

سکر ۾ سُرخ اديبن جو ميڙ...

سکر ۾ سنڌ جي سُرخ يعني ڪميونسٽ اديبن جو ميڙُ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ ٻن ڏينهن لاءِ ڪوٺايو ويو. ميڙ شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ رشيد ڀٽيءَ، اخباري نمائندن ۽ سي. آئي. ڊي. وارن کي زبردستيءَ هال مان ڪڍي ڇڏيو. بعد ۾ خبر پئي ته انهيءَ خفيه اجلاس ۾ اسلام مخالف ۽ پاڪستان دشمن ڳالهيون ڪيون ويون.

12-اپريل 1965ع تي روزاني ’مهراڻ‘ ۾ اهڙِي خبر پهرين صفحي تي، ڇهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪالمن ۾ شايع ٿي هُئي.

سنڌي ادبي سنگت جي تنظيمي ميڙن ۾ غير واسطيدار ماڻهن کي شرڪت جي اجازت نہ هوندي آهي. جيڪڏهن تنظيمي قانون جي پوئواري ڪندي، سنگت سکر جي سيڪريٽري ۽ اجلاس جي ڪنوينر جي حيثيت سان رشيد ڀٽيءَ، مهراڻ جي نمائندي کي هال مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو تہ ان تي 'مهراڻ' جي نمائندي کي مچرجڻ نہ گهُربو هو. عبدالڪريم تابان ان کي پنهنجي انا جو مسئلو بڻائي، خبر کي اهڙي انداز سان گهڙيو، تہ جيئن سنگت جا اديب ۽ شاعر سرڪار جي نظرن ۾ اچن ۽ انهن کي نقصان رسي.

روزانہ 'مهراڻ' جي انهيءَ تعصبي رويي سنڌي ادبي سنگت جي اديبن ۽ شاعرن کي اهڙو بيزار ڪيو جو نيٺ انهن کي قانوني رستو اختيار ڪندي، ان پروپيگنڊا کي روڪڻو پيو.

رشيد ڀٽي، 'مهراڻ' جي ايڊيٽر سردار علي شاهہ ۽ ان جي سکر واري نمائندي عبدالڪريم تابان خلاف سکر جي ڪورٽ ۾ بدناموسيءَ جو ڪيس داخل ڪيو. ٻنهي خلاف ڪورٽ وارنٽ جاري ڪيا. هنن ڪورٽ جي آرڊر خلاف، رويزن پٽيشن داخل ڪئي، جيڪا جسٽس صفدر شاهہ، اڻ ٻُڌڻ جوڳي قرار ڏيئي رد ڪري ڇڏي. ڇهن سالن تائين ڪيس هلندو رهيو، جنهن جو فائدو سنگت ۽ ان سان لاڳاپيل اديبن کي اهو مليو تہ روزانہ 'مهراڻ'، ان عرصي ۾ عدالت جي بي حرمتيءَ جي ڏوهہَ جي خوف کان، هنن خلاف اسلام دشمن، ڪميونسٽ ۽ پاڪستان مخالف جهڙا بي بنياد الزام نہ هڻي سگهي.

## مهراڻ اخبار پاران هڪ عالم سان غلط خبر منسوب ڪرڻ:

جڏهن ڪوبہ فرد يا ڌُر، پنهنجي مخالف فرد يا جماعت خلاف انتهائي تعصب وارو رويو رکندڙ هجي تہ ان صورت ۾ هر حربي کي جائز سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ ڪنهن بہ طرح سان پنهنجي مخالف کي نقصان رسايو وڃي. روزانہ مهراڻ جو رويو بہ ترقي پسند ليکڪن خلاف ڪجهہ اهڙو ئي هيو. انهيءَ اخبار هڪ دؤر جي حوالي سان هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ روشن خيال اديبن جي راهہَ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون وڃن ۽ ان ڏس ۾ هر پيري ان اخبار پنهنجو روايتي هٿيار

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

استعمال ڪيو. روزانه مهراڻ 5 - جون 1967ع واري اخبار ۾ بزرگ عالم مرزا اجمل بيگ جي حوالي سان هڪ خبر هلائي، جنهن جو متن هن ريت هو :

”حيدرآباد. 4 (رپورٽر) ’جشن روح رهاڻ‘ جي ڪالهوڪي نشست، جنهن جي صدارت مرزا اجمل بيگ صاحب ڪان ڪرائي وئي، تنهن ۾ شرڪت ڪندڙ اڪثر اديبن ۽ شاعرن جي ٻولي اها ئي رهي، جيڪا نام نهاد ترقي پسند ٻوليندا آهن، يعني هنن انهيءَ موقعي تي دين اسلام ۽ اسلامي قدرن تي سڌي ۽ اڻ سڌي طرح ٺٺوليون ڪيون. انهيءَ انداز بيان جو اثر مرزا اجمل بيگ صاحب به ورتو ۽ هن صاحب پنهنجي صدارتي تقرير دوران ان تي نڪته چيني پڻ ڪئي. موصوف فرمايو ته هندن جي دؤر ۾ به ڪو غير مسلم، اسلام متعلق اهڙي قابل اعتراض گفتگو ڪري ڪونه سگهندو هو، ليڪن هينئر اسان جا مسلمان نوجوان، خدا، رسول ۽ مذهب جي باري ۾ بيهوديون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. اها افسوسناڪ ڳالهه آهي. موصوف وڌيڪ فرمايو ته جيڪڏهن ههڙين ادبي مجلسن ۾ اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ مقصود هجي ته مسلمان اديبن ۽ شاعرن کي مدعو ئي ڪرڻ نه گهُرجي ته جيئن سندن دل آزاري نه ٿئي.“

روزانه ’مهراڻ‘ ، 6-جون 1967ع واري اشاعت ۾ انهيءَ خبر ۾ اها درستي ڪئي ته مرزا اجمل بيگ جي صدارت هيٺ جيڪا تقريب منعقد ٿي هئي، سا جشن روح رهاڻ جي نه، پر سنڌي ادبي سنگت جي تقريب هئي.

انهيءَ ذريعي عام ماڻهن جي ذهنن تي ان تاثر ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌي ادبي سنگت جي ميڙن ۾ شريڪ ٿيندڙ ترقي پسند ليکڪ، اديب ۽ شاعر، خدا، رسول ۽ اسلام جي خلاف ڳالهائيندا آهن. بزرگ عالم مرزا اجمل بيگ، مهراڻ اخبار ۾ جڏهن پنهنجي حوالي سان اها من گهڙت خبر پڙهي ته هن سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جي سيڪريٽريءَ ڏانهن 7-جون 1967ع تي ترديدي خط اماڻيو، جيڪو ماهوار ’روح رهاڻ‘ حيدرآباد ۾ شايع ٿيو. انهيءَ خط جو مڪمل متن هن ريت آهي :

”روزانه ’مهراڻ‘ جي 5 ۽ 6-جون 1967ع وارن پرچن ۾ جشن روح رهاڻ ۽ سنڌي ادبي سنگت متعلق شايع ٿيل هڪ غلط خبر مون ڏانهن منسوب ڪيل آهي. جشن روح رهاڻ متعلق خبر جي ترديد خود ’مهراڻ‘ اخبار ۾ ئي ٻئي ڏينهن ’اداره مهراڻ‘ طرفان ڇاپي وئي. انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ چوڻ جي ضرورت محسوس نه ٿو ڪريان. اها حقيقت آهي ته سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار دستوري ڪچهرين ۾ اڪثر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مان شامل ٿيندو پئي رهيو آهيان. 3-جون 1967ع واري ڪچهريءَ ۾ پڻ آءٌ شريڪ هوس، جنهن ڪچهريءَ جي وقتي صدارت جا فرائض مون کي سپرد ڪيا ويا هئا. آءٌ هيترو اظهار ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته نه فقط 3-جون 1967ع واري ڪچهريءَ ۾ بلڪ سنگت جي انهن سيني ڪچهرين ۾، جن ۾ آءٌ شريڪ ٿيندو پئي رهيو آهيان، دين اسلام ۽ اسلامي قدرن تي سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ طرح ڪڏهن به ڪنهن اديب ۽ شاعر کي ٺٺوليون ڪندي نه ٻُڌو اٿم. تنهن ڪري پنهنجي صدارتي تقرير ۾ مون لاءِ سنڌي ادبي سنگت ۾ شريڪ اديبن ۽ شاعرن تي انهيءَ قسم جي نڪتہ چيني ڪرڻ جي نه ضرورت هئي نه گنجائش."[16]

مرزا اجمل بيگ هڪ اعتدال پسند بزرگ اديب ۽ شاعر هو. سندس اهو خط، مهراڻ اخبار ۽ ٻين رجعت پسندن طرفان، سنڌي ادبي سنگت ۽ ان جي روشن خيال اديبن خلاف لڳايل الزامن جي ترديد ڪري ٿو. هو شاهدي ڏئي ٿو ته هُو سنگت جي ڪچهرين ۾ اڪثر شريڪ ٿيندو رهندو آهي، پر هُن اتي ڪڏهن به مذهب جي خلاف ڪا گفتگو ڪانه ٻڌي آهي. هڪ غير متنازعہ شخصيت جي مالڪ عالم اديب جا اهي ويچار روزانہ مهراڻ جي لڳايل غلط الزامن کي ڪوڙو ثابت ڪن ٿا. انهيءَ مان اها ڳالهه به پڌري ٿئي ٿي ته ترقي پسند ليکڪن خلاف روزانہ مهراڻ جو محاذ مخالفت براءِ مخالفت تي ٻڌل هو، جنهن ۾ هنن هر هٿيار استعمال ڪيو. ڪوڙيون خبرون گهڙڻ هنن جي روايت ۾ شامل هو.

## 'روح رهاڻ' رسالي جو ڪردار:

روح رهاڻ رسالي کي سنڌي ادبي سنگت جي اديبن جو رسالو سڏجي ته ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو، ڇو ته ان جو روح روان حميد سنڌي نہ صرف سنگت حيدرآباد جو سيڪريٽري رهيو، پر مرڪزي خزانچيءَ جي عهدي تي بہ هن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ان کان سواءِ 'روح رهاڻ' جي سٽ جا مکيہ ساٿي اشفاق قاضي، امداد حسيني، ناصر مورائي، خواجہ سليم ۽ ٻيا بہ سنڌي ادبي سنگت سان ئي لاڳاپيل هئا. 1960ع کان 1968ع تائين 'روح رهاڻ' رسالي، سنڌي ٻولي، جديد قومي ادب جي اڏسر ۽ سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي حقن لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو هو، اهو ادب جي تاريخ جو هڪ يادگار ۽ روشن باب آهي. ون يونٽ هجي، سنڌي ٻوليءَ سان ناانصافيءَ

جو مسئلو يا سنڌي عالمن، اديبن جي گرفتاريءَ جو مسئلو هجي، هن رسالي جا ”رهاڻ“ جي نالي سان ايڊيٽوريل احتجاجي مواد سان ڀرپور ملندا.

’روح رهاڻ‘ عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو هڪ اهڙو اجتماعي پليٽ فارم هو، جتي پيڙهي وڇوٽيءَ جي فرق بنا، سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي ترقيءَ ۽ بچاءَ لاءِ نوجوان توڙي بزرگ اديب، سڀُ اچي گڏ ٿيا هئا، جتي علي بابا، امداد حسيني، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، رسول بخش پليجي ۽ رشِيد ڀٽيءَ جهڙا نوجوان اديب ’روح رهاڻ‘ جي سرگرمين ۾ شريڪ هئا، اتي ڪين غلام مصطفىٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، غلام محمد گرامي، شيخ اياز، محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ علي محمد، بيگم زينت چنا ۽ حفيظ قريشي جهڙن ناليوارن بزرگ عالمن جو مڪمل ساٿ ۽ سهڪار حاصل هو. اهو ئي سبب هو جو ’روح رهاڻ‘ جو آواز، اظهار تي رياستي رڪاوٽن واري دؤر ۾ به هڪ سگهاري ۽ اثرائتي انداز ۾ گونجيو. ’روح رهاڻ‘ جي ان ڪردار جي سلسلي ۾ شيخ اياز لکي ٿو:

”روح رهاڻ جهڙو ڪردار، برصغير جي ڪنهن به رسالي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ورلي ادا ڪيو آهي.“ [17]

اها حقيقت آهي ته هن رسالي نه صرف تخليقي ادب کي زور وٺرايو، پر اهم قومي معاملن تي تحريڪ وارو انداز اختيار ڪيو. خاص طور تي روح رهاڻ جا ساليانا جشن قومي شعور ۽ جاڳرتا ڦهلائڻ ۾ نهايت اثرائتا ثابت ٿيا. انهن ميڙن ۾ پيش ڪيل تقريرن، شعرن، مقالن، ڊرامن ۽ گيتن سنڌي ٻوليءَ سان محبت جو جذبو پيدا ڪيو ۽ ليکڪن ۽ شاعرن ۾ ٻوليءَ ۽ ادب سان وابستگيءَ واري احساس کي اجاگر ڪيو. 1967ع ۾ جشن روح رهاڻ جي موقعي تي صدارتي تقرير ڪندي رسول بخش پليجي چيو هو:

”اسان جي نوجوان اديب کي پروڙ آهي ته وطن سان وفاداريءَ جي وات نه رڳو ٻولي لهڻي آهي، پر ان تي هلڻو به آهي. جي، ڪو ڪسُ جهلي بيهي ته ان کي اتان هٽائڻو آهي، جي ڪو هلان ڪري ته ان تي جوابي حملو به ڪرڻو آهي. اهڙو اديب کي صحيح معنىٰ ۾ مجاهد اديب ٿيڻو آهي. ’روح رهاڻ‘ نه فقط هڪ ادبي رسالو آهي، پر هڪ مجاهد ادبي رسالو آهي، هڪ تحريڪ آهي، هڪ جهنڊو آهي.“ [18]

رسول بخش پليجي جي انهيءَ خيال ته، ”جي ڪو ڪسُ روڪي ته ان کي هٽائڻو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي يا ان خلاف احتجاج ڪرڻو آهي“. روح رهاڻ سان واسطيدار اديبن پڻ ضرورت مطابق ان خيال جو عملي مظاهرو ڪيو. شيخ اياز، حفيظ قريشي، رسول بخش پليجي ۽ انساني حقن جي حفاظت ڪندڙ وطن دوست ماڻهن ۽ شاگردن جي گرفتاريءَ خلاف 15، ڊسمبر 1968ع تي حيدرآباد ۾ بيگم زينت چنا، تنوير عباسي ۽ حميد سنڌيءَ تي مشتمل ايڪشن ڪاميٽيءَ جي اپيل تي، سنڌي اديبن جو هڪ احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو. انهيءَ جلوس جي اپيل ’روح رهاڻ‘ جي نومبر 1968ع واري پرچي ۾ شايع ٿي هئي.

’روح رهاڻ‘ جا جشن هڪ قومي ڪاج جو روپ وٺي چڪا هئا. جن ۾ عالم، اديب، شاگرد ۽ هرطبقي جا ماڻهو نهايت دلچسپيءَ سان شريڪ ٿيندا هئا. رشيد ڀٽي ان ڏس ۾ لکي ٿو:

”جشن روح رهاڻ سنڌ ۾ قومي ميلي جي حيثيت وٺي ويو. سڄي سنڌ جا ترقي پسند ۽ وطن دوست انقلابي، اديب، شاعر ۽ دانشور، حيدرآباد اچي ميڙ ڪندا هئا. شاگرد ۽ وچولو طبقو، ٻارن ٻچن سميت جشن ۾ ائين اچي شريڪ ٿيندو هيو، ڄڻ ته ڪو الاهي فرض بجا آڻيندا هجن.“ [19]

اهي ادبي جشن، اديبن ۾ ايڪي اتحاد ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ سان گڏُ، انهن کي عوامي سطح تي مقبول بڻائڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿيا. انهن ميڙن ۾مختلف ادبي موضوعن تي مقالا پڙهيا ويندا هئا ۽ خاص مشاعرو ٿيندو هو، جنهن ۾ ناليوارا شاعر حصو وٺندا هئا. مشاعري ۾ ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان محبت ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ وارا نظم پيش ڪيا ويندا هئا، جيڪي ٻڌندڙن تي اثر انداز ٿي، انهن ۾ ڪافي جوش ۽ جذبو پيدا ڪندا هئا. موٽ ۾ شاعرن کي به گرمجوشيءَ سان داد ملندو هو. اهڙي نموني ۾ شاعرن جي همت افزائي ٿيڻ سان گڏ، هڪ قومي فرض جي پوئواري پڻ ٿي ويندي هئي. انهيءَ حوالي سان عبدالڪريم گدائي لکي ٿو:

”1968ع ۾ حيدرآباد جي بسنت هال ۾ برادرم حميد سنڌيءَ طرفان گھُرايل جشن روح رهاڻ جي موقعي تي مون پنهنجو هڪ نظم ’پڪڙا ۽ پنهوار، اڃان ڀي ساڳيا ڙي‘ پڙهيو هو. جنهن ۾ جشن روح رهاڻ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين تمام وڏي تعداد ۾ نهايت جوش ۽ خروش سان حصو ورتو هو. جڏهن مون اهو نظم پڙهندي ان جو هڪڙو بند :

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چال ڏئي اڄ جاڳيا ڇوڪرا
ڪوٺ ڪندا سين پورا پورا
سورهيہ سر ڪان ڏار اجان پي ساڳيا ڙي!

پڙهيو تہ اسان جي نوجوان شاگردن ۽ شاگرديائڻين نهايت جوش ۾ اچي تاڙين جو ٺهڪو لائي ڏنو هو. ان وقت سنڌي نوجوانن ۾ پنهنجي ساٿيه جي حق لاءِ قربانيءَ جو اٿاهه جوش ۽ جذبو ڏسي منهنجو ڳلو ڀرجي آيو هو ۽ خوشيءَ وچان اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا." [20]

ڪنهن تخليقڪار، شاعر ۽ اديب لاءِ انهيءَ ڪان وڌيڪ ڪهڙي خوشي ٿي سگهي ٿي، جو ماڻهو هنن جي فڪر کي سمجهن ۽ سندن تخليقن جي نسبت سان، ساڻن محبت ڪن ۽ داد ڏين. سنڌي ادب ۾ اهو ڀرپور سجاڳيءَ، جوش ۽ جذبي وارو دؤر هيو جڏهن شاعرن ۽ اديبن پنهنجين انقلابي لکڻين ذريعي ماڻهن ۾ جاڳرتا پکيڙي ۽ قومي مسئلن تي بنا ڪنهن خوف ۽ پرواهه جي، بيباڪيءَ سان لکيو. ان ڏس ۾ امر جليل لکي ٿو:

"سنڌي ادب ۾ پهريون ڀيرو تمام شدت ۽ جذبي جي مڪمل سچائيءَ لاءِ اپٽار ٿيڻ لڳي آهي. سهڻي ۽ روح رهاڻ رسالا سنڌي قومپرست ادب جي سجاڳ تي پيا آهن." [21]

امر جليل انهيءَ ادبي هلچل مان پيدا ٿيندڙ قومي شعور جو ذڪر ڪيو آهي. قومي بقا جي ان ويڙهه ۾ اديب جو ڪردار نهايت شاندار رهيو. اديبن ۽ شاعرن پنهنجن عزيزن کي ناراض ڪندي ۽ اقتصادي مسئلن جو شڪار ٿيندي بہ پنهنجي مقصد ۽ اصولن کي اهميت ڏني. جنهن جي موٽ ۾ هنن کي گهڻيون تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون. غلام محمد گرامي، اديبن جي ان ڪردارن جي حوالي سان لکي ٿو:

"روح رهاڻ جي ايڊيٽر حميد سنڌيءَ پنهنجو ارڪو ترڪو قربان ڪري، ٽيڙ ٽاڙي وڪڻي، روح رهاڻ جي مشعل کي بلند رکڻ جي بي مثال ڪوشش ڪئي. روح رهاڻ جي نالي ۾ انقلاب انگيز جشن ملهائي ون يونٽ جي خلاف سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آڳ لڳائي ڇڏي، تان جو سرڪار پاران ڪيس وڌيءَ چٽيءَ ۾ ڦاسائي، روح رهاڻ کي بند ڪرڻ تائين مجبور ڪيو ويو. "انسان" جي ايڊيٽر ڏيپلائي صاحب تي ڏنڊ پيا، تلاشيون ورتيون ويون ۽ ڪيس جيل جون هوائون ڪارايون ويون. سندس سمورو ڪاروبار درهم

برهم ٿي ويو.“ [22]

سنڌي ترقي پسند اديب، جنهن جون فڪري پاڙون پنهنجي ڌرتيءَ ۾ ڪتل هيون، تنهن جي اوسر ۾ روح رهاڻ رسالي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ٻوليءَ جي تحريڪ ۽ سنڌ جي مجموعي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي صورتحال جي حوالي سان، هن رسالي وطن دوست اديبن ۽ شاعرن کي هڪ اهڙو پليٽ فارم مهيا ڪيو، جنهن تان هنن اجتماعي نموني ۾ پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ جو قرض ادا ڪيو.

’روح رهاڻ‘ جو ڪردار سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نمايان لفظن ۾ لکيو ويندو.

## مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات:

غلام محمد گراميءَ جو هي نهايت تفصيلي، علم ۽ دانائيءَ سان ڀرپور مقالو تماهي مهراڻ جي 3،2/ 1964ع واري شماري ۾ شايع ٿيو هو. لڳ ڀڳ 280 صفحن تي مشتمل انهيءَ فڪري مقالي ۾ عبراني، سنسڪرت، عربي، فارسي، هندي، اردو، بنگالي، بلوچي، ڪشميري، پشتو، سرائيڪي، پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾ موجود شاعري ۽ شعري رجحانن جي نهايت ذهانت سان ڇنڊڇاڻ ڪري، علم ۽ فن بابت غلطفهمين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ذوق جمال ۽ فحاشيءَ ۾ واضح فرق سمجهائيندي گرامي صاحب شاعرن جي ڪفريات خمريات ۾ گناهه جي مفهوم نه هئڻ جي وضاحت ڪندي، انهن جي علامتن ڪناين کي سمجهڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. ڪفر، جُنون ۽ عشق جي ڪناين جي پيدا ٿيڻ بابت، هن حوالن ذريعي سمجهايو آهي. مختلف ٻولين جي آڳاٽي ادب مان چوند مثالن ذريعي، گرامي صاحب ثابت ڪيو آهي ته فن جي مقصد ۽ افاديت کي نظر انداز ڪري ڪابه علمي ۽ اصلاحي راءِ قائم نه ٿي ڪري سگهجي. مقالي ۾ ”سنڌي شاعريءَ جو تاريخي ۽ تهذيبي پسمنظر“ جي عنوان سان لطيف کان مرزا قليچ بيگ تائين سنڌي شاعرن جي شعرن مان مثالن ذريعي سمجهايو آهي ته انهن سيني شاعرن بنا ڪنهن مذهبي مت ڀيد جي پوري انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ انهن سيني جي فڪر جو مرڪز بنا ڪنهن فرق جي محبت ئي هو. ”سنڌي شاعريءَ جي جديد دؤر“ واري عنوان هيٺ، سنڌي جديد ادب تي مڙهيل ”ڪفر“ جي الزامن کي دليلن ذريعي روڪيو ويو آهي. گرامي صاحب لکي ٿو:

”ڪفر ۽ الحاد اهو آهي جو قرآن ۽ سنت ۽ اجماع اُمت جي خلاف هجي ۽

زندقو اهو آهي جو صحابہ ۽ تابعين جي دؤر ۾ پيدا ڪيل مفهوم جي خلاف پيدا ٿئي. پر شاعري اها آهي، جا ڪُفر ۽ الحاد کي بہ مسلمان بنايو ڇڏي.“ [23]

گرامي صاحب، جديد سنڌي ادب کي تاويل (باطني معنيٰ) جي رعايت ڏيڻ جي حمايت ڪئي آهي ۽ هن مقالي ۾ جديد سنڌي شاعري ۽ خاص طور تي شيخ اياز جي شاعريءَ جو مضبوط دليلن ۽ حوالن ذريعي بچاءُ ڪيو آهي. گرامي صاحب نہ صرف سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو عالم اديب، نقاد ۽ شاعر هو، پر مذهبي حوالي سان هڪ وڏو تاريخدان ۽ مذهبي معاملن جو ڄاڻو ۽ پابند هو، ان ڪري سندس راءِ کي وڏي اهميت حاصل آهي. هن پنهنجي مقالي ۾ اهڙي دؤر ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جو بچاءُ ڪيو، جڏهن ان تي رُجعت پسند ڌرين طرفان ڪُفر جون فتوائون جاري ڪيون ويون. ”اشتراڪيت ۽ جديد سنڌي ادب“ واري حصي ۾ گرامي صاحب شيخ اياز جي لکڻين مان حوالا ڏئي ثابت ڪيو آهي تہ شيخ اياز اشتراڪي نہ آهي ۽ جديد سنڌي ادب تي اشتراڪيت جا الزام بي بنياد آهن، هو ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

”اياز لاءِ چيو ويو آهي تہ هو ملحد ۽ لامذهب آهي، هو حق تعاليٰ جو انڪار ٿو ڪري، پر ائين ناهي. هڪ باشعور متلاشي وانگر هُو بہ ”حق“ جو ڳولائو آهي. هو بہ ڪائنات ۾ ڪنهن يار جو قائل آهي.“ [24]

گرامي صاحب جي هن علمي مقالي جو اعتراف ڪندي، مشهور محقق ۽ تاريخدان پير حسام الدين شاهہ راشديءَ چيو هو تہ جيڪڏهن يورپ ۾ انهيءَ معيار جو ڪو مقالو لکيو وڃي ها تہ ليکڪ جي مجتا طور ان جي مورتي تيار ڪرائي، بيهاري وڃي ها. جديد سنڌي ادب تي مختلف قسم جا الزام مڙهيندڙ، هن مقالي جي موٽ ۾ لاجواب ضرور ٿي ويا هئا، پر حسب روايت گرامي صاحب جي قابليت ۽ محنت جو اعتراف ڪرڻ بدران، ان جي سخت مخالفت ڪئي ۽ گرامي صاحب کي گمراهہ سڏيو ۽ سندس دليلن مڃڻ کان انڪار ڪيو.

گرامي صاحب پنهنجي مقالي جي پڇاڙيءَ ۾ لکي ٿو:

”هن علمي ڪاوش جي مطالعي کان پوءِ واضح ٿيندو تہ اگر ’شاعريءَ‘ کي پنهنجي ’فن جي مراعات‘ کان جُدا ڪري، شرع ۽ فرع جي ٺيٺ ۽ ظاهردارانہ حڪم جي گرفت ۾ آڻبو تہ پوءِ، ڪن فقهي ۽ ديني ڪتابن کان سواءِ، پوري دفتر ۾ ”ڪفر“ کانسواءِ باقي رکيو ڇا آهي؟ اياز تي جو ڪُجهہ بہ اختلافي انداز ۾ لکيو ويو آهي ۽ اهو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ذاتي رنجش ۽ معاصرانہ چشمڪ جي پيداوار آهي.“ [25]

گرامي صاحب جي انهيءَ فڪر انگيز مقالي جديد سنڌي شاعريءَ جي آڏو ايندڙ رڪاوٽن کي هٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهڙي اهم مقالي لکڻ تي گرامي صاحب کي واڌايون ڏيڻ لاءِ، سنڌي ادبي سنگت پاران، لطيف لٽرري سوسائٽي، سنڌي رائٽرس گلڊ، اداره آواز ادب ۽ اداراه انسانيت جي سهڪار سان، سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ 23-ڊسمبر 1964ع تي هڪ ادبي گڏجاڻي جو اهتمام ڪيو ويو هو. جنهن ۾ پير حسام الدين شاهہ راشدي، محمد ابراهيم جويو، محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ علي محمد، عبدالغفور انصاري، مرزا اجمل بيگ، محرم خان، ابن حيات پنهور، شمشيرالحيدري، ع.ق شيخ، نياز همايوني، عبدالله خواب، غلام رباني آگرو، الله بخش بخاري، جان محمد سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. انهيءَ ميڙ ۾ مقررن، گرامي صاحب جي هن نهايت اهم ۽ وقتائتي علمي ڪاوش جي نهايت ساراهہ ڪئي. شمشيرالحيدريءَ چيو تہ : ”اثر ۽ نتيجي جي لحاظ کان هن مقالي جي اهميت سنڌي ادب ۾ اهڙي طرح محسوس ڪئي ويندي، جهڙي طرح انگريزي ادب ۾ ورڊس ورٿ جي ’ليريڪل بئلڊس‘ جي تمهيد ۽ شيليءَ جي ’ان ڊفينس آف پوئٽري‘ جي.“ محمد ابراهيم جويي چيو: ”هن علمي ڪاوش جي ڪري اسان جي سيني سنڌي ادب دوستن صاحبن جو منهن مٿي ٿي ويو آهي ۽ هن ڪان پوءِ ائين ڪوبہ چئي نہ ٿو سگهي تہ ڪو مخلصانہ نموني ۾ ادب جي خدمت جو ڪم ڪيو ئي نہ ٿو وڃي.“ رسول بخش پليجي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو: ”گرامي صاحب جي هن پر مغز مقالي مان نہ رڳو سنڌيءَ جي اديبن کي پنهنجي ڪلاسيڪي روايتن جي خبر پوندي، بلڪ بين الاقوامي رجحانن کان بہ هُو واقف ٿيندا ۽ سندس اها ڪوشش ايندڙ ادبي دؤر لاءِ هڪ نئون موڙ ثابت ٿيندي.“ [26]

گرامي صاحب جي هن مقالي نہ صرف هڪ دؤر جي حوالي سان ترقي پسند جديد ادب جو بچاءُ ڪيو، پر ان جي هر دؤر ۾ پنهنجي اهميت ۽ افاديت قائم رهندي. سنڌي ادبي بورڊ پاران انهيءَ مقالي کي 1992ع ۾ ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪيو ويو.

## انڊا اونڊا ويچ:

سنڌي ادب ۾ تنقيد جي اڻاٺ هر دؤر ۾ محسوس ڪئي وئي آهي. تمام ٿورن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سچاڻ نقادن ۾ 'انڌا اونڌا ويچ' جي ليکڪ رسول بخش پليجي جو شمار بہ ٿئي ٿو، جنهن جو واسطو ترقي پسند ادب ۽ سنڌي ادبي سنگت سان نهايت گهرو رهيو آهي. اهڙي دؤر ۾ جڏهن جديد سنڌي ادب، ترقي پسندي ۽ روشن خياليءَ خلاف، رجعت پسند ڌريون پنهنجن سيني محاذن تان، غلط پروپيگنڊا ۾ مصروف هيون، شيخ اياز ۽ سندس ساٿين کي 'ڪافر'، 'ملحد' ۽ 'دهريو' جي لقبن سان نوازي، سندن فڪر کي رد ڪيو پئي ويو، تڏهن رسول بخش پليجي نهايت دانائيءَ ۽ ڌيرج سان انهن فڪري مغالطن ۽ غلط روين جو پنهنجي قلم سان مقابلو ڪيو. شمشيرالحيدريءَ جي گذارش تي پليجي صاحب پنهنجا فڪر انگيز مقالا 'خادم وطن' اخبارن ۾ شايع ڪرايا، جن کي بعد ۾ سهيڙي 1967ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. ڪتاب جي ايتري طلب رهي آهي جو هن جو 1996ع ۾ ٽيون ڇاپو پڌرو ٿيو. نئين فڪر جي مخالفت ڪندڙن جي مزاحمت ۾ گرامي صاحب جي مقالي، 'مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات' ۽ پليجي صاحب جي 'انڌا اونڌا ويچ' کي تمام گهڻي اهميت رهي آهي. پليجو صاحب ڪتاب جي ٽئين ڇاپي جي مُهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

"جسماني، ذهني ۽ روحاني غنڊاگردي گندي شيءِ آهي ۽ ان کي جتي ڏسجي، ان سان مقابلو ڪرڻ کپي." [27]

پليجي صاحب جا اهي جذبا ۽ احساس هئا جن جي ڪري هُن انتها پسندن سان فڪري محاذ تان تاريخي ويڙهہ وڙهي.

'انڌا اونڌا ويچ' ۾ 17 مقالا/مضمون شامل آهن ۽ ان جو مهاڳ ابن حيات پنهور لکيو هو. مضمونن جا عنوان شاهہ لطيف جي فڪر انگيز مصرعن مان کنيا ويا آهن، جيئن ٻئي نمبر مضمون جو عنوان آهي: "هي جي آيا هير، سي مون اڱُ نہ ڏنا ڪڏهن". اهڙي ريت ڏهين نمبر مضمون جو عنوان: "ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪيرُ نہ چڪيو" آهي. سيني مضمونن ۾ سنڌي ڪلاسيڪي شاعري عربي ۽ فارسي شاعريءَ مان مثالن ذريعي ثابت ڪيو آهي تہ شاعرن تي تهمتون ۽ الزام هر دؤر ۾ هنيا ويندا آهن، پر ڪوبہ روشن خياليءَ ۾ نئين فڪر کي سنگهرن ۾ قيد نہ ڪري سگهيو آهي. هو هڪ هنڌ لکي ٿو:

"جيستائين فن ۽ فڪر جي امامن جو ڪلام زندهہ آهي، تيستائين هر دؤر ۾ هر زماني ۾ جرائت، رندي، مستي ۽ بيباڪيءَ جون صدائون فضا ۾ گونجنديون

رهنديون.“ [28]

رجعت پسندن طرفان شيخ اياز ۽ سندس شاعريءَ کي غلط پروپيگنڊا وسيلي سطحي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو، جنهن کري پليجي صاحب مجموعي طور سچي سنڌي شاعريءَ ۽ خاص طور تي شيخ اياز جي شاعريءَ جو فڪري طرح بچاءُ ڪيو آهي ۽ سندس شاعريءَ تي ٺيل ڪٽر ۽ تنگ نظريءَ واري رنگ ۾ نڪتہ چينيءَ جي اصليت کي وائکو ڪري دليلن ۽ حوالن ذريعي ثابت ڪيو تہ پاڻ کي ادب جا ٺيڪيدار سڏائيندڙ اهي تعصبي جاهل آهن ۽ شيخ اياز جي شاعري هڪ فرد جو ذاتي اظهار نہ، پر مجموعي طور سنڌ ۽ دنيا اندر، شعر، فڪر ۽ شعور جي ارتقا جي منزل جو نشان آهي. هو انهن تعصبي نقادن جي روين بابت هڪ هنڌ لکي ٿو:

”هنن هڪ اهڙو تماشو شروع ڪيو آهي جو جيڪڏهن، اردو يا ٻين ٻولين وارا سُٽي سمجهي سگهن تہ جيڪر سنڌين جا ڪنڌ شرم کان جهُڪي وڃن. دنيا حيران ٿي ويندي تہ ڇا هي آهي تنقيد جو معيار ۽ هي آهي فهم ۽ سخن جي پرک ۽ ان جو طريقو.“ [29]

صحتمند معاشري ۾ تعميري تنقيد جو مقصد سڌارو ڪرڻ هوندو آهي. باقي ذاتي رنجش جي بنياد تي ڪيل سطحي تنقيد، جنهن جو مقصد ٻئي کي لوئڻ ۽ رد ڪرڻ هجي، تنهن کي ادبي تنقيد ۾ ڳڻي نہ سگهبو. شيخ اياز جي ڪتاب، ’خط، انٽرويو، تقريرون‘ جي مهاڳ ۾ رشيد ڀٽيءَ اهڙن غير ادبي روين کي ننديو آهي ۽ رسول بخش پليجي جي مضمونن کي ساراهيو آهي. هو هڪ هنڌ لکي ٿو:

”هن ڪتاب ۾ پليجي پنهنجي ڏاهپ، ڏات، اظهار جي بيباڪي، اسلوب جي بيساختگيءَ ۽ زبان تي دسترس سان رجعت پسندن کي اهڙا تہ سڌا سڌا جواب ڏنا آهن جو عام سمجھ ٻوجھ رکندڙ سنڌي خواندي لاءِ بہ ان سنڌ دشمن ٽولي جي نيت ۽ مقصد مراد کي سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانہ ٿي ٿئي. مطلب تہ پليجي، ان ڪاوش سان، سچ پچ رجعت پسندن ۽ انهن جي نقادن کي انڌو اونڌو ويڃ ثابت ڪري ڏيکاريو.“ [30]

## ٻوليءَ ۾ ترقي پسند ادب جي اوسر ۾ سهڻي رسالي جو ڪردار:

مشهور اديب ۽ ڪهاڻيڪار طارق اشرف جو خواب ’سهڻي‘ رسالو سنڌي ٻوليءَ جو اهو معياري ۽ اهم رسالو هو، جنهن ۾ ڇپجڻ جي خواهش هر ليکڪ، شاعر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ اديب ڪي رهي. ’روح رهاڻ‘ رسالي وانگر سهڻي بہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي هڪ تحريڪ وارو ڪردار ادا ڪيو. طارق اشرف، سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جو اهم ميمبر هو. هن ناصر مورائيءَ سان گڏجي مئي 1962ع ۾ سنگت حيدرآباد جو پرچو ’تخليق‘ ترتيب ڏنوهو. طارق اشرف هڪ بيباڪ ۽ کرو اديب هو، جنهن بنا ڪنهن مصلحت ۽ مفاد جي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي جنگ وڙهي. موٽ ۾ هن کي گهڻيون ئي تڪليفون مليون، ڪيئي ڀيرا ڪيس جيل موڪليو ويو، پر هن جي همت ۽ ارادي ۾ ڪابہ ڪمي ڪانہ آئي. ڪيس ملڪيت ۽ عهدن جون لالچون ڏنيون ويون، پر هن جي ضمير ڪنهن بہ موڙ تي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي معاملي ۾ ڪابہ سوديبازي ڪانہ ڪئي. هن ترقي پسند ادب کي زور وٺرايو ۽ ان جي آڏو ايندڙ رڪاوٽن سان مهاڏو اٽڪايو. سنڌي ٻوليءَ جو ترقي پسند ادب پنهنجي مخالفت واري دؤر ۾ جيتري تعداد ۾ سهڻي رسالي ۾ ڇپيو هو بئي ڪنهن رسالي ۾ ڪونہ ڇپيو. طارق اشرف خلاف فتوائون جاري ٿيون ۽ سندس خلاف رجعت پسند رسالن ۾ ڪالم ۽ مضمون ڇپجڻ لڳا. ترقي پسند ادب جي اؤسر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تحريڪ ۾ جن بہ اديبن قربانيون ڏنيون، انهن جو وڏو تعداد سنڌي ادبي سنگت سان ئي لاڳاپيل رهيو، ان ڪري انهن جون سرگرميون سنگت جي حوالي سان رهيون، جيئن ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

”اياز، رشيد، ناصر مورائي، تاج جويو، طارق اشرف، ڊاڪٽر الانا ۽ ٻيا بي انداز سنگت جا سنگتي يا مخلص ورڪر، سنڌي ادبي سنگت جي پاليسين جي پاداشت ۾ جيلن ۾ رکيا ويا. انهيءَ حد تائين جو ڊاڪٽر الانا جهڙو اهم محقق ۽ عالم بہ نہ بچي سگهيو ۽ اهو دشمن هٿُ ويجهڙائيءَ ۾ تنوير عباسيءَ تائين بہ پهچي ويو.“ [31]

شروعات ۾ سهڻي پبليڪيشن جي نالي سان ۽ بعد ۾ ماهوار سهڻي جي روپ ۾ هن پرچي پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو. 1966ع ۾ ان اداري جو پهريون ڪتاب شايع ٿيو هو. ’سهڻِي‘ جي سيني پرچن جو جيڪڏهن جائزو وٺبو تہ اسان کي ڪوبہ پرچو مقصد کان خالي نظر نہ ايندو. معياري شعرن، ڪهاڻين ۽ مضمونن سان گڏ، انهن جي ايڊيٽوريل ۾ ٻولي ۽ ادب جي مسئلي تي آواز اٿاريل هوندو. سهڻيءَ جا ايڊيٽوريل ماڻهن ۾ جاڳرتا ڦهلائڻ جي ڏس ۾ نهايت اثرائتا ثابت ٿيا هئا. جولاءِ 1969ع جي پرچي ’موٽندڙ ڇوليون‘ ۾ ’پنهنجي طرفان‘ سلسلي ۾ طارق لکيو هو :

”اها گذارش آهي تہ فقط نعرا هڻڻ، جهنڊا ڪڻڻ ۽ اخباري بيان ڪڍڻ سان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اسانجي ٻولي جيئري نہ رهي سگھندي، ٻوليءَ کي جيئرو رکڻ لاءِ ڪتابن ۽ مخزنن جو نڪرڻ ضروري آهي.“

ماهوار سهڻي مارچ اپريل مئي 1970ع جي پرچي ۾ ’پنهنجي طرفان‘ جو عنوان آهي: ’سنڌ جي آزادي مبارڪ‘. ون يونٽ ٽٽڻ جي خوشيءَ ۾ لکيل انهيءَ ايڊيٽوريل ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي:

”اسين خيرات وٺڻ تي هريل ناهيون. اجان سڀ کان وڏو مسئلو اسانجي ٻوليءَ جو آهي، انهيءَ جو جائز مقام ’قومي ٻولي‘ آهي ۽ اها جدوجهد اسان کي تيز ڪرڻ گهرجي.“

اهي جملا پڙها ڪن ٿا تہ طارق اشرف کي پنهنجي ٻوليءَ جو ڪيترو فڪر هو. ون يونٽ ٽٽڻ جي اعلان تي هو اطمينان جو اظهار نٿو ڪري، پر ٻوليءَ جي اصل حيثيت بحال ڪرائڻ لاءِ جدوجهد تيز ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. آفيسن ۾ سنڌي ٻولي رائج ڪرڻ، ريڊيو ٽي وي تي سنڌيءَ کي جائز حصو ڏيڻ، بورڊ سنڌيءَ ۾ لکڻ، مطلب سنڌي ٻوليءَ سان واسطيدار سڀني مسئلن تي ’سهڻي‘ رسالي ۾ ڀرپور انداز ۾ لکيو ويو. 4-مارچ جي شاگرد جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪرڻ ۽ ان جي تاريخ کي محفوظ رکڻ لاءِ سهڻي پاران ڌار نمبر ڪڍيا ويا. تخليقي ادب کي زور وٺرائڻ ۽ ليکڪن کي بهتر نموني متعارف ڪرائڻ جي سلسلي ۾ سهڻيءَ جا ’امر جليل نمبر‘ ۽ ’نسيم کرل نمبر‘ يادگار حيثيت رکن ٿا. اديبن ۽ شاعرن جي گرفتاريءَ جي سلسلي ۾ بہ ’سهڻي‘ سدائين اڳتي رهي. جنوري 1975ع جي پرچي ۾ ابراهيم منشيءَ جي گرفتاريءَ جي سلسلي ۾ ايڊيٽوريل ۾ لکيل آهي:

”ابراهيم منشي، ڏهہ مهينا جيل ۾ رهي ضمانت تي آزاد ٿيو، پر مهيني کان پوءِ سنڌس ضمانت رد ڪري، ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ مهيني کن ۾ سندس ڌيءَ جي شادي ٿيڻ واري آهي. اسين انهيءَ جي مذمت ڪريون ٿا ۽ سنڌ سرڪار کي درخواست ڪريون ٿا تہ ابراهيم منشيءَ کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي.“

ڪجھ انتها پسند ۽ رجعت پسند ڌرين سنڌي ٻوليءَ جي ترقي پسند ادب خلاف، تمام گهٽي غلط پروپيگنڊا ڪئي. انهيءَ پروپيگنڊا خلاف سنڌي اديبن ۽ شاعرن جو هڪ مذمتي ٺهراءُ ماهوار سهڻي مئي 1975ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، نياز همايوني، ذوالفقار راشدي، نجم عباسي، امداد

حسيني، الطاف شيخ، پروانو ڀٽي، آغا سليم، مشتاق شورو، طارق اشرف، ظفر حسن، خواجہ سليم، الهورايو اداسي، ڀون سنڌي، سحر امداد، اعجاز قريشي، سليم چنا، وليرام ولڀ ۽ ٻين جا نالا ڏنل آهن.

'سهڻي' رسالي جو مزاحمتي ڪردار، سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۾ بچاءَ ۽ ترقي پسند ادب جي حمايت جي سلسلي ۾ سنڌي ادبي تاريخ جو هڪ روشن باب آهي ۽ انهيءَ رسالي جون ڪوششون سدائين يادگار رهنديون .

## حوالا


1. ڀٽي، رشيد (مهاڳ) 'خط، انٽرويو، تقريرون'، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1987ع، ص:43، 42.
2. پناڻ، دُر محمد ڊاڪٽر، 'ڪراچي ضلعي جو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ حصو'، پي ايچ ڊي لاءِ تحقيقي مقالو، ص: 456.
3. گيانچنداڻي،سوڀو، ڪامريڊ، 'انٽرويو'، سنڌ سجاڳ، جيڪب آباد، مارچ، 1987ع.
4. آريسر، عبدالواحد 'ماڙين ماريس ڪينڪي'، رني ڪوٽ پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع، ص: 10.
5. عباسي، تنوير، 'شاهہ لطيف جي شاعري'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1995ع، ص: 90.
6. گرامي، غلام محمد (مُهاڳ)، 'پکڙا ۽ پنهوار':عبدالڪريم گدائي، ضلعي ترقياتي ايسوسيئيشن، جيڪب آباد، 1975ع، ص: 12.
7. سرور علي سرور، 'مهراڻ جو ترقي پسند ادب'، ماهوار 'ادا' نوابشاهہ، آگسٽ 1955ع.
8.جويو، محمد ابراهيم، ٽماهي 'مهراڻ' حيدرآباد، اونهارو، 1955ع، ص: 6.
9. رپورٽ، ٽماهي 'مهراڻ'، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 3/1956ع.
10. شيخ اياز، ماهنامو نئين زندگي، ڪراچي، مئي، 1963ع، ص: 4.
11. رپورٽ، ٽماهي 'مهراڻ'، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 4/1956ع.
12. شيخ اياز، 'نظم' ماهوار روح رهاڻ، حيدرآباد، سيپٽمبر، 1966ع، ص: 5.
13. ڀٽي، رشيد، (مهاڳُ) 'خط، انٽرويو، تقريرون' ڀاڱو پهريون، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1987ع ص: 89.
14. شيخ اياز، 'ساهيوال جيل جي ڊائري'، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1986ع، ص: 114.
15. شيخ اياز، 'خط، انٽرويو، تقريرون' ڀاڱو ٻيو، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، ص: 164ع.
16. اجمل بيگ ق. مرزا 'اجمل'، (خط)، ماهوار روح رهاڻ، حيدرآباد جولاءِ 1967ع، ص: 85.

17. شيخ اياز، ’ساهيوال جيل جي ڊائري‘، ص: 236.
18. پليجو، رسول بخش، ’هڪ تحريڪ هڪ جهنڊو‘، ’روح رهاڻ‘ حيدر آباد جولاءِ 1967ع، ص: 38.
19. ڀٽي، رشيد (مهاڳ) ’خط، انٽرويو، تقريرون‘ پاڳو پهريون، ص: 68
20. گدائي، عبدالڪريم، ”پکڙا ۽ پنهوار“ ضلعي ترقياتي ايسوسيئيشن جيڪب آباد 1975ع، ص: 29.
21. امر جليل، ماهوار ’سنڌ سجاڳ‘ جيڪب آباد، جون. جولاءِ 1987ع، ص: 24
22. گرامي، غلام محمد، مهاڳ: ’پکڙا ۽ پنهوار‘، ص: 8
23. گرامي، غلام محمد . مقالو: ’مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات‘، ٽماهي مهراڻ ـ 2. 3/1964ع، ص: 393
24. ساڳيو ـ ص: 467
25. ساڳيو ـ ص: 475
26. رپورٽ، ٽماهي مهراڻ، 4/1964ع ص: 230
27. پليجو، رسول بخش ’انڌا اونڌا ويڄ‘ سنڌي ساهت گهر حيدر آباد 1996ع، ص: 13
28. ساڳيو. ص: 132
29. ساڳيو. ص: 73
30. ڀٽي، رشيد (مهاڳ) ’خط، انٽرويو، تقريرون‘ ص: 75
31. ٻوهيو، الهداد ، ڊاڪٽر، ’مستقبل جي ادبي تحريڪ‘ ماهوار ’ساجاهه‘ 11. 12/ 1995ع، ص: 53.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair